# عمري

## جو آسان طريقو

هن ڪتابڙي ۾ عمري جو مختصر طريقو ۽ ضروري مسئلا لکيا ويا آهن


مفتي عبدالرئوف صاحب

مفتي جامعه دارالعلوم ڪراچي

ڪراچي

مولانا محمد اسحاق



مڪتبة الاسلام ڪراچي



www.sukkurvi.com

# عمري جو
# آسان طريقو

هن ڪتابڙي ۾ عمره جو مختصر طريقو ۽
ضروري مسائل لکيا ويا آهن.

تاليف

## حضرت مولانا مفتي عبدالرؤف
صاحب سکروي مدظلهم
مفتي جامعه دارالعلوم ڪورنگي ڪراچي

مترجم: مولانا محمد اسحاق درس
فاضل جامعه دارالعلوم ڪورنگي ڪراچي

مڪتبة الاسلام ڪراچي

www.sukkurvi.com

كتاب جونالو:      عمري جو آسان طريقو

مصنف:      حضرت مولانا مفتي عبدالرؤف صاحب
سكروي مدظلہ

مترجم:      مولانا محمد اسحاق درس
فاضل جامعہ دارالعلوم كراچي

نظرثاني:      (مفتي) محمد خالد هالوي
مدير جامعہ دارالعلوم الاسلاميہ هالا

سن اشاعت:      ربيع الاول ١٤٣٩/ دسمبر 2017

ناشر:      مكتبة الاسلام كراچي

ڇپيندڙ:      سروري پرنٽنگ ايجنسي، بڪ بائينڊنگ هالا
موبائل نمبر: 03332856099/03332851185

www.sukkurvi.com

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| مترجم پاران | 10 |
| پہ اکر | 12 |
| دعائيہ ڪلمات | 14 |
| تلبيہ | 17 |
| جڏهن عمره جو ارادو ڪريو ته هيٺيان ڪم ڪريو | 18 |
| گهر کان روانو ٿيڻ | 20 |
| عمره جي سفر جي شروعات | 22 |
| ڪراچي کان جده ڏانهن روانگي (روانو ٿيڻ) | 24 |
| عمره جو طريقو نيت احرام، ممنوع، مڪروه، مباح ڳالهيون ۽ مختصر معمولات | 25 |
| عمره جو اجر ۽ ثواب | 26 |
| رمضان ۾ عمره | 26 |
| احرام جو طريقو ۽ ادب | 27 |
| مفيد مشورو | 28 |


www.sukkurvi.com

| | |
|---|---|
| عمره جي نيت | 29 |
| عورتن جو احرام | 31 |
| احرام جو پابنديون | 33 |
| احرام ۾ ممنوع ڳالهيون | 35 |
| خوشبودار صابڻ | 37 |
| حجر اسود جي خوشبوء | 38 |
| مڪروھ ڳالهيون | 41 |
| جائز ڳالهيون | 44 |
| احرام ۾ ٽشو پيپر جو استعمال | 46 |
| وارن جي ٽٽڻ جو مسئلو | 47 |
| خودبخود وارن جو ٽٽڻ | 47 |
| وضو دوران وارن جو ٽٽڻ | 47 |
| ڪنهڻ سان وارن جو ٽٽڻ يا ڇڻڻ | 48 |
| مُڇ جو مسئلو | 49 |
| سفر دوران ڪهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن | 49 |
| مڪي مڪرمہ ۾ پهچڻ | 51 |
| مسجد الحرام ۾ حاضري | 52 |


www.sukkurvi.com

| | |
|---|---|
| پهرين نظر | 53 |
| عمرو ادا ڪرڻ جو طريقو | 54 |
| طوافُ | 55 |
| طواف جي نيت | 56 |
| اِستلام يا اشارو | 57 |
| ضروري احتياط | 59 |
| مُلْتَزِم | 62 |
| نماز واجبِ طواف | 64 |
| زم زم جي کوهه تي | 64 |
| آب زم زم سان وضو | 65 |
| سعي جو طريقو | 66 |
| مٿو ڪوڙائڻ يا قصر ڪرڻ | 70 |
| عمرو مڪمل ٿيو | 71 |
| نفلي طواف جو طريقو | 72 |
| طواف جي عظيم فضيلت | 73 |
| ٻين جي لاءِ طواف يا عمرو ڪرڻ | 75 |
| هڪ کان وڌيڪ عمرا ڪرڻ | 77 |



www.sukkurvi.com

| | |
|---|---|
| عمرو افضل آهي يا طواف | 78 |
| مختصر معمولات براء مڪ مڪرم | 78 |
| هتي دعائون قبول ٿين ٿيون | 82 |
| چند زيارتون | 83 |
| غار ثور | 84 |
| غار حرا | 84 |
| مسجد الجن | 85 |
| مسجد الرايۃ | 85 |
| مسجد بلال | 85 |
| مولدالنبي ﷺ | 85 |
| جنت المعلیٰ | 85 |
| طواف ۽ سعي جي لاءِ خاص دعائون | 86 |
| ملتزم ۽ مقام ابراهيم تي دُعا | 87 |
| مدينہ منوره، آقا ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضري | 88 |
| روضي اقدس جي زيارت | 89 |
| عظيم سعادت | 91 |
| مسجد نبوي ۾ حاضري | 93 |


www.sukkurvi.com

| | |
|---|---|
| روضي اقدس تي سلام | 95 |
| عورتن جو سلام | 101 |
| چاليهه نمازون | 103 |
| مختصر دستور العمل | 105 |
| مديني منوره کان واپسي | 107 |
| مديني طيبه کان مکي مکرمہ يا جدي ڏانهن اچڻ | 108 |
| ضروري مسئلو | 110 |
| ڏيهه واپس موٽڻ | 110 |
| اشارات | 113 |
| عمره جو طريقو قدم بقدم | 114 |
| عمره ادا ڪرڻ جي طريقي جو خلاصو | 115 |
| عمره جو احرام | 116 |
| غسل | 116 |
| احرام جون چادرون | 116 |
| نفل نماز | 116 |
| نيت | 117 |
| تلبيه | 117 |


www.sukkurvi.com

| | |
|---|---|
| دُعـــا | 117 |
| احرام جون پابنديون | 118 |
| مڪي معظمه جو سفر | 118 |
| مڪه معظمه | 118 |
| حرم شريف ۾ حاضري | 119 |
| پهرين نظر | 119 |
| طواف جي تياري | 120 |
| طواف جي نيت | 120 |
| استلام | 121 |
| طواف شروع | 121 |
| هدايت | 122 |
| تاڪيد | 122 |
| رمل | 122 |
| رڪن يماني | 123 |
| استلام يا اشارو | 123 |
| طواف ختم | 123 |


www.sukkurvi.com

# عمره جي تياري

# آداب، احڪام

# ۽ معافي وتلافي

www.sukkurvi.com

## مترجم پاران

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّیْ عَلٰی رَسُوْلِهِ الْکَرِیْم

عمره بابت توهان جي هٿن ۾ موجود هن كتاب کان پهرين سنڌي زبان ۾انهي موضوع تي كو كتاب موجود ڳولا جي نه ملي سگهيو. جنهن مان سنڌ جا سڀاڳيا ماڻهو هن مبارڪ سفر بابت سمجهه حاصل ڪري عمل ڪن. پالڻهار پاران اها سعادت حاصل ڪرڻ جي توفيق مون گنهگار کي بخشي وئي . ولله الحمد

لکڻ جي شروعات ڪرڻ مهل پنهنجي استاد محترم فقيہ الامت استاد العلماء شيخ المشائخ حضرت مولانا مفتي عبدالروف سکروي دامت برڪاتہ جن جو ڪتاب "عمرہ کا آسان طریقہ" کي ڏسڻ کانپوءِ استاد محترم جي اجازت سان سنڌن ڪتاب

www.sukkurvi.com

ڪي بعينه سنڌي زبان ۾ ”عمره جو آسان طريقو“ جي نالي سان ترجمو ڪرڻ مناسب سمجهيم ترجمو مڪمل ڪري حضرت سائين جي حڪم سان ئي سنڌ جي بزرگ شخصيت عالم با عمل حضرت مولانا مفتي محمد خالد هالا وارا صاحب مدظله جن ڪان نظر ثاني ڪرائي توهان تائين پهچايو آهي.

الله پاڪ پنهنجي بارگاهه ۾ منهنجي هن ننڍڙي ڪاوش کي قبول فرمائي، منهنجي لاءِ، منهنجي والدين ۽ استادن لاءِ هن ڪتاب کي ابدي ڀلائي جو ڪارڻ بڻائي.

آمين! برحمتك ياارحم الراحمين

بنده محمد اسحاق درس

فاضل جامعه دارالعلوم ڪورنگي ڪراچي

www.sukkurvi.com

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْم

"عمرہ کا آسان طریقہ" فقيه العصر استاد الاساتذه شيخ المشائخ حضرت مولانا مفتي عبدالروف صاحب مدظله العالي جو مشهور و مقبول ترين ڪتاب آهي جيڪو لکن جي تعداد ۾ اردو زبان ۾ ڇپجي چڪو آهي، هر سال هزارن جي تعداد ۾ قيمتاً ۽ بنا قيمت جي تقسيم ٿي رهيو آهي، ضرورت هئي تہ هي مبارڪ ڪتاب سنڌي سڀاجهڙي زبان ۾ بہ ڇپجي تہ جيئن سنڌ جا سڀاجهڙا حرمين شريفين جا پانڌيئڙا بہ هن مان لاڀ لهي سگهن.

اها سعادت عزيزم مولانا محمد اسحاق درس صاحب زيد مجده جي نصيب ۾ هئي جن ڏاڍي محنت ڪري هن مبارڪ ڪتاب جو سولي سنڌي

www.sukkurvi.com

زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي. استاد العلماء حضرت مفتي صاحب مدظلہ العالي جي ارشاد ۽ مترجم جي خواهش تي هن عاجز هن کي از شروع تا آخر گهري نظر سان پڙهي هن جي نوڪ پلڪ سنواري آهي.

دل سان دعا آهي تہ الله تعالىٰ حضرت مصنف دامت برڪاتهم لاءِ ۽ مترجم لاءِ صدقہ جاريہ بڻائي ۽ اهل سنڌ کي فائدو حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي! آمين بحرمة سيد المرسلين ﷺ

محمد خالد

مقيم حال دارالعلوم الاسلاميہ هالا

١٠ ذو القعدة ١٤٣٦ھ

www.sukkurvi.com

بسم اللہ الرحمن الرحیم

نحمدہ و نصلی علی رسولہ الکریم

محمد و آلہ و اصحابہ اجمعین ۰

اما بعد !

محترم مولانا محمد اسحاق [illegible] صاحب نے ناچیز کا رسالہ "عمرہ کا آسان طریقہ" کا سندھی زبان میں ترجمہ کیا جس کی ضرورت تھی ، کیونکہ ہمارے صوبہ سندھ کے بہت سے مسلمان خواتین و حضرات ایسے ہیں جو عمرہ کو جاتے ہیں اور سندھی زبان کے علاوہ دوسری زبان سے [illegible] وہ مکمل بولتے ہیں ، معمولی پڑھ سکتے ہیں جب اس [illegible] رہتے ہیں ، اس لئے سندھی زبان میں ایسی لکھنا کتاب ضروری تھی جو مولانا موصوف نے پوری کردی فجزاک اللہ

پھر جامعہ دارالعلوم الاسلامیہ لاڑکانہ کے مہتمم جناب مولانا مفتی خالد صاحب مدظلہ نے اسکو دیکھ لیا اور [illegible] پاک درست کی اور ترجمہ کو درست قرار دیا ، ان کی تصدیق کے بعد بندہ نے یہ تحریر لکھدی ، دل سے دعا ہے ، اللہ پاک اسکو قبول فرمائیں مسلمانوں کیلئے نافع اور مفید بنائیں اور مترجم و ناشر سب کی اس کاوش کو اپنی بارگاہ میں شرف قبولیت عطا فرمائیں آمین بحرمۃ سید المرسلین محمد و علی آلہ و اصحابہ اجمعین الی یوم الدین ۔

بندہ عبدالرؤف [illegible]
[illegible]
دارالعلوم کراچی

راہنما کتاب ضروری تھی جو مولانا موصوف نے پوری کردی۔
فللّٰہ الحمد

پھر جامعہ دار العلوم الاسلامیہ ہالا کے مہتمم جناب مولانا مفتی خالد صاحب مدظلہ نے اس کو دیکھ لیا اور نوک پلک درست کی اور ترجمہ کو اچھا اور درست قرار دیا ان کی تصدیق کے بعد بندہ نے یہ تحریر لکھ دی ہے دل سے دعا ہے کہ اللہ پاک اس کو قبول فرمائیں، مسلمانوں کے لئے نافع اور مفید بنائیں اور مترجم و ناشر سب کی اس کاوش کو اپنی بارگاہ میں شرفِ قبول فرمائیں۔ آمین بحرمۃ سید المرسلین محمد و آلہ واصحابہ اجمعین الی یوم الدین۔

بندہ عبد الرؤف عفی اللہ عنہ

۱۲ ذوالحج ۱۴۳۲ھ دار العلوم کراچی

www.sukkurwi.com

# تَــلْـبِـيَــه

لَبَّيْكَ اللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ، لَبَّيْكَ لَاشَرِيْكَ
لَكَ لَبَّيْكَ، اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ
وَالْمُلْكَ لَاشَرِيْكَ لَكَ (حيات)

**ترجمو:**

حاضر آهيان اي الله آءٌ حاضر آهيان، تنهنجو ڪوئي شريڪ ناهي آءٌ حاضر آهيان، بلاشبہ تمام تعريفون ۽ سب نعمتون تنهنجي لاءِ ئي آهن ۽ ملڪ تنهنجو ئي آهي ۽ تنهنجو ڪوئي شريڪ ناهي.

## هدايت

براءِ ڪرم مذڪوره تلبيہ ڪي زباني ياد ڪريو ڇو تہ احرام ٻڌڻ ڪانپوءِ هر هنڌ اهو پڙهڻو پوندو آهي.

www.sukkurvi.com

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ

عَلٰى رَسُوۡلِهٖ مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ اَجۡمَعِيۡنَ

# عمره جو ارادو

## جڏهن عمره جو ارادو ڪريو ته هيٺيان ڪم ڪريو:

١) سڀ کان پهريان نيت ڪريو ته آءٌ هي سفر محض الله تعاليٰ جي رضا ۽ ان جي حڪم جي تعميل ۽ آخرت جي ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ ڪري رهيو آهيان.

٢) اگر مڪروه وقت نه هجي ته توبه جي نيت سان ٻه رڪعتون نفل پڙهي گذريل تمام گناهن کان سچي توبه ڪريو.

٣) نماز، رمضان جا روزا، زڪوٰة، فطره ۽ قرباني وغيره جي فرض ۽ واجب ٿيڻ کان پوءِ ان جي ادا ڪرڻ ۾ توهان کان جيتريون ڪوتاهيون ٿيون آهن

www.sukkurvi.com

انهن جي ادائگي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪريو ۽ وس آهر ادا ڪرڻ شروع ڪري ڏيو.

۴) ڪنهن سان لڙائي يا جهيڙو ٿيو هجي يا ڪنهن کي برو چيو هجي يا ڪنهن جي ڪا حق تلفي ٿي هجي تہ معافي گهرو ۽ چيو چايو معاف ڪرايو.

خصوصا ويجهن مائٽن ۽ ميل جول رکندڙن سان صلح صفائي ڪري دل صاف ڪريو. اگر ماءُ پيءُ حياتي هجن ۽ ناراض هجن تہ انهن کان بہ معافي وٺي انهن کي راضي ڪريو.

۵) پاڻ تي ڪنهن جو ڪو مالي حق واجب هجي مثلا قرض يا امانت هجي تہ ان کي ادا ڪريو نہ تہ ادا ڪرڻ جي وصيت ڪريو، ۽ پنهنجي ڏيتي ليتي جو سڄو حساب ڪنهن قابل اعتماد شخص جي حوالي ڪريو.

۶) پنهنجي واپس اچڻ تائين گهروارن جي خرچ جو مناسب انتظام ڪريو.

www.sukkurvi.com

٧) عمره ڪرڻ جو طريقو ان جا ضروري مسئلا سکڻ شروع ڪريو ۽ ان مقصد لاءِ معتبر اهل فتويٰ علماءِ ڪرام کان فائدو حاصل ڪريو. حج جي مسئلن جا معتبر ڪتاب ڏسو. عمره لاءِ مذڪوره رسالو بہ ڌيان سان بار بار پڙهڻ ڪافي ٿيندو (ان شاء الله) ۽ جيڪا ڳالھ سمجھ ۾ نہ اچي يا ڪو سوال ذهن ۾ اچي تہ ڪنهن معتبر عالم، مفتي کان پڇو.

ياد رکو: معتبر اهل فتوي علماءِ ڪرام کان سواءِ پين ماڻهن جي حج ۽ عمره تي لکيل ڪتابن کي پڙهڻ کان بچو، ڇو تہ انهن ۾ ڪيترن ئي مسئلن ۾ غلطيون ڏٺيون ويون آهن.

## گهر کان روانو ٿيڻ

جڏهن عمري جي سفر لاءِ گهر کان نڪرڻ لڳو ۽ مڪروه وقت نہ هجي تہ گهر ۾ عام نفلن وانگر

www.sukkurvi.com

ٻہ نفل ادا ڪريو. پهرئين رڪعت ۾ سورة فاتحہ کان پوءِ سورة الڪافرون ۽ ٻئي رڪعت ۾ قُل هو والله احد پڙهو تہ بهتر آهي. سلام ورائڻ کانپوءِ الله تعالىٰ کان سفر جي آساني لاءِ دعا گهرو ۽ هيءَ دعا بہ گهرو.

”اي الله! سفر ۾ وڃڻ وقت سرڪار دو عالم ﷺ جيتريون دعائون گهريون آهن يا پڙهيون آهن. اهي سڀ منهنجي طرفان قبول فرماءِ! آمين“.

جيڪڏهن مڪروه وقت هجي تہ نفل نہ پڙهو، بغير نفل پڙهڻ جي اها دعا گهرو. ان کان پوءِ هر جگهہ، گهر کان ٻاهر اچڻ وقت، سواري تي چڙهڻ وقت، مائٽن کان موڪلائڻ وقت، سواري رواني ٿيڻ وقت، احرام ٻڌڻ وقت، مڪ شريف ۽ مدينہ منوره جي نظر اچڻ وقت، طواف ڪرڻ وقت مطلب تہ هر جگهہ تي هيٺ ڏنل دعا بہ گهري وٺو هيءَ ننڍڙي ۽ جامع دعا آهي.

www.sukkurvi.com

”ياالٰه العٰلمين! هن موقعي تي سرڪار دوعالم ﷺ ۽ تنهنجي نيڪ بندن جيڪي جيڪي پلايون گهريون آهن سي سڀ مون کي عطا فرماءِ ۽ جن جن شين کان پناهه گهري آهي. انهن سڀني کان مون کي پناهه ۾ رک. آمين“.

## عمره جي سفر جي شروعات

جيئن تہ هي سفر ۴۸ ميلن کان وڌيڪ آهي. ان لاءِ جڏهن توهان پنهنجي شهر جي حد مان ٻاهر نڪرندؤ تہ توهان شرعي مسافر ٿي ويندؤ. ظهر، عصر ۽ عشاء جي وقت بجائي چار رڪعت جي ٻہ فرض پڙهندا. پر جيڪڏهن ڪو امام مقيم هجي توهان ان جي پُٺيان باجماعت نماز پڙهندا تہ چار رڪعتون ئي پڙهندا. جيئن ٿرپارڪر يا عمرڪوٽ کان عمره لاءِ ايندڙ ڪراچي جي مسجد ۾ امام جي پويان با جماعت نماز پڙهندؤ تہ پوري نماز پڙهندؤ.

www.sukkurwi.com

ها جيڪڏهن امام ﺑﻪ مسافر هجي يا جماعت نڪري ويئي هجي ۽ پوءِ الڳ نماز پڙهندا ﺗﻪ بجائي چار جي ﺑﻪ رڪعتون ادا ڪندا. ۽ فجر ۽ مغرب جا فرض جيئن جو تيئن پڙهبا ڪا تبديلي ﻧﻪ ٿيندي عورتون اڪيلي نماز پڙهنديون آهن انڪري اهي ظهر عصر، عشاءِ جون ﺑﻪ رڪعتون ۽ فجر جون ﺑﻪ ۽ مغرب جون ٽي رڪعتون ادا ڪنديون باقي سنتن ۽ نفلن جو حڪم مردن ۽ عورتن لاءِ هي آهي ﺗﻪ جيڪڏهن اطمينان واري حالت آهي ۽ تڪڙ ناهي ﺗﻪ پوريون پڙهيون وڃن اهو ئي بهتر آهي ۽ جيڪڏهن تڪڙ آهي يا تڪليف ٿئي ٿي يا ڪا ٻئي ڏکيائي هجي ﺗﻪ بلڪل ڇڏي ڏيڻ ۾ ﺑﻪ ڪو گناهه ناهي.

## ڪراچي کان جده ڏانهن روانگي (روانو ٿيڻ)

جڏهن توهان ڪراچي يا اسلام آباد پهچي وڃو ۽ مڪي مڪرمه وڃڻ لاءِ جدي ڏانهن روانو ٿيڻ

www.sukkurvi.com

جو وقت ويجهو اچي وڃي ته ڪراچي يا اسلام آباد
ڪان احرام ٻڌو ويندو ڇو ته اڄ ڪلهه سفر هوائي
جهاز ذريعي ٿيندو آهي.احرام ٻڌڻ جو تفصيل اڳتي
“مفيد مشورو” جي عنوان سان اچي ٿو.

www.sukkurvi.com

# عمره جو طريقو

## نيت احرام، ممنوع، مڪروه، مباح ڳالهيون ۽ مختصر معمولات

www.sukurvi.com



## عمره جو اجر ۽ ثواب

رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي تہ : حج ۽ عمره ڪرڻ وارا الله جا مهمان آهن. اگر اهي الله کان دعا ڪن تہ انهن جي دعا قبول ڪري. اگر اهي معافي گهرن تہ انهن کي معاف ڪري. (سنن ابن ماجہ)

رسول ڪريم ﷺ فرمايو : هڪ عمره کان پٺي عمره تائين وچ وارن گناهن جو ڪفارو ٿي ويندو آهي ۽ حج مبرور جو بدلو تہ بس جنت آهي. (صحيح بخاري ومسلم)

www.sukkurvi.com

## رمضان ۾ عمره

حضرت ام سُليم رضي الله عنها رسول ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ منهنجو مڙس ۽ پُٽ حج ڪرڻ لاءِ ويا آهن مون کي ڇڏي ويا آهن پاڻ سڳورن ﷺ جواب ۾ ارشاد فرمايو تہ رمضان ۾ عمره ڪرڻ مون سان گڏ عمره ڪرڻ جي برابر آهي. (الترغيب)

## احرام جو طريقو ۽ ادب

جڏهن توهان عمره جو احرام ٻڌو تہ پهريائين هي ڪم ڪريو:

١. مٿي جا وار ننڍا ڪريو، خط وٺو، مڇون ڪترايو، زير ناف ۽ بغلن جا وار صاف ڪريو. (غنيہ)

٢. احرام جي نيت سان غسل ڪريو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ وضو ڪريو پوءِ مٿي ۽ ڏاڙهي ۾ تيل هڻي ڦڻي ڏئي جسم تي اهڙي خوشبو لڳايو جنهن جو نشان نہ ٿيئي. (غنيہ).

٣. مرد سبيل ڪپڙا لاهي هڪڙي اڇي چادر جي ڍُن جي مٿان گوڏ ٻڌن ۽ ٻئي چادر اوڍي مٿو ۽ ٻئي ٻانهون ڍڪي ڇڏين ۽ اهڙي جتي چپل بہ لاهي ڇڏين جنهن سان پيرن جي پٺيءَ جي اپريل هڏي لڪي وڃي ۽ هوائي چپل پائين، جنهن ۾ اپريل هڏي کليل

www.sukkurvi.com

رهي ۽ عورتون سبيل ڪپڙا ۽ جتي معمول مطابق پائينديون رهن. (غنيه).

جيڪڏهن مڪروه وقت نہ هجي تہ احرام جي نيت سان مٿو ڍڪي عام نفلن وانگر ٻہ رڪعتون نفل پڙهو جيڪڏهن پهرين رڪعت ۾ سورة الڪافرون ۽ ٻيءَ ۾ قُل هو الله احد پڙهو تہ بهتر آهي. جيڪڏهن مڪروه وقت هجي تہ بغير نفل پڙهڻ جي عمره جي نيت ڪريو .(حيات).

## مفيد مشورو

هوائي جهاز جي ذريعي پاڪستان کان مڪي وڃڻ وارن مردن ۽ عورتن جي لاءِ ضروي آهي تہ جهاز ۾ چڙهڻ کان پهرئين يا جهاز جي رواني ٿيڻ کان ڪلاڪ ڏيڍ پوءِ جهاز ۾ احرام ٻڌن تہ جيئن بغير احرام جي ميقات کان اڳتي نہ وڌن. نہ تہ گنهگار بہ ٿيندا ۽ دم بہ لازم ٿيندو. پر مشورو هي آهي تہ گهر

www.sukkurvi.com

۾ يا ايئرپورٽ تي احرام ٻڌڻ جي بجاءِ جهاز ۾ احرام ٻڌجي. ڇو ته ڪڏهن ڪڏهن احرام ٻڌڻ ڪانپوءِ جهاز جي اڏام منسوخ يا مؤخر ٿي ويندي آهي جنهن جي ڪري احرام جي حالت ۾ رهڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي هوائي جهاز ۾ احرام ٻڌڻ جي آسان صورت هيءَ آهي ته مٿي لکيل ڪم سڀ گهر ۾ يا ايئرپورٽ تي ڪجن باقي نيت ۽ تلبيه نه چئجي، جڏهن هوائي جهاز هوا ۾ بلند ٿي وڃي ته ان وقت جهاز ۾ نيت ۽ تلبيه چئجي، ڇو ته احرام ۽ ان جون پابنديون نيت ۽ تلبيه چوڻ سان شروع ٿين ٿيون.

www.sukkurvi.com

## عمره جي نيت

هاڻي جيڪڏهن مٿو ڍڪيل آهي ته اگهاڙو ڪجي، ٻئي ڪلها ڍڪيل رهن ۽ قبلي طرف منهن ڪري هن طرح عمره جي نيت ڪريو.

”اي الله آئون (تنهنجي رضا لاءِ) عمري جو ارادو ڪريان ٿو. منهنجي لاءِ ان کي آسان ڪر ۽ قبول ڪر“.

ان ڪانپوءِ يڪدم عمره جي احرام جي نيت سان وچولي آواز ۾ ٽي دفعا تلبيه چئجي تلبيه هي آهي.

## تَلْبِيَه

لَبَّيْكَ اللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ، لَبَّيْكَ لَاشَرِيْكَ لَكَ لَبَّيْكَ، اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكَ لَاشَرِيْكَ لَكَ (حيات)

ان ڪانپوءِ هلڪي آواز سان دورد شريف پڙهو ۽ هي دعا گهرو:

www.sukkurvi.com

”اي الله آئون توکان تنهنجي رضا ۽ جنت گهران ٿو تنهنجي ڏمر ۽ دوزخ کان پناهه گهران ٿو. ۽ هن موقعي تي پنهنجي جهانن جي سردار ﷺ جيڪي دعائون گهريون يا ٻڌايون آهن اُهي به گهران ٿو اُهي سڀ منهنجي طرفان قبول فرماءِ. آمين“.

هاڻ احرام ٻڌجي ويو. هاڻ توهان کي تلبيه ڪثرت سان پڙهڻو آهي اٿڻ، ويهڻ، سمهڻ، هلڻ، ڦرڻ، لهڻ، ۽ چڙهڻ، پاڪي، ناپاڪي هر حالت ۾ خاص ڪري فرض نماز کان پوءِ تلبيه کي وڌيڪ ورجايو.

مرد حضرات ٿورو وڏي آواز سان ۽ عورتون آهستي آواز ۾ پڙهن. پوءِ هلڪي آواز سان درود شريف پڙهي. ڪا به دعا گهرو ۽ تلبيه جڏهن به پڙهو ته لڳاتار ٽي دفعا پڙهو. (حيات و غنيه).

www.sukkurvi.com

## عورتن جو احرام

عورتن کي سبيل ڪپڙا پاتل رهن احرام ٻڌڻ کان پهرين جيڪي ڪم مٿي لکي آيا سين انهن مان جيڪي ڪم عورتن جي مناسب هجن اهي ڪن. جيڪڏهن مڪروه وقت نہ هجي ۽ ماهواري واري حالت بہ نہ هجي تہ نفل نماز پڙهن جيڪڏهن مڪروه وقت هجي يا عورت کي ماهواري هلي رهي هجي تہ صرف غسل يا وضو ڪري قبلي ڏانهن منهن ڪريو ۽ منهن تان ڪپڙو هٽائي عمري جي نيت ڪريو. عمره جي نيت هي آهي تہ:

”اي الله آءٌ تنهنجي رضا لاءِ عمرو ڪرڻ جي نيت ڪريان ٿي ان کي منهنجي لاءِ آسان ڪر ۽ قبول ڪر! آمين“.

ان کان پوءِ عورت هڪدم ٽي دفعا هلڪي آواز ۾ تلبيو چئي يا ٻئي عورت يا ان جو محرم

www.sukkurvi.com

چورائي ان ڪانپوءِ هلڪي آواز ۾ درود شريف پڙهي هيءَ دعا گهري.

”اي الله آئون توکان تنهنجي رضا ۽ جنت گهران ٿي ۽ تنهنجي ڏمر ۽ دوزخ کان پناهه گهران ٿي“.

هاڻ احرام ٿي ويو عورتون هلڪي آواز ۾ تلبيه پڙهنديون رهن جيئن تفصيل گذري چڪو آهي.

## احرام جون پابنديون

نيت ۽ تلبيه پڙهڻ سان ئي احرام جون پابنديون شروع ٿي وينديون مرد پنهنجو مٿو ۽ منهن ۽ عورتون فقط منهن سمهندي، جاڳندي، هلندي، ڦرندي مطلب ته هر وقت کليو رکن. ڪنهن به وقت انهن کي ڪپڙو لڳڻ نه ڏين، نه ڪپڙي سان ڍڪين، جيئن ته عورتن کي غير محرم مردن کان پردو ڪرڻ فرض آهي، بي پردگي جائز ناهي بلڪ

www.sukkurvi.com

سخت گناهه آهي. انڪري عورتون دورانِ احرام ٻه نامحرم مردن جي سامهون وڃڻ وقت مٿي تي اهڙي ٽوپي پائين جنهن جي ڳتي تي نقاب سبيل هئڻ گهرجي جنهن مان منهن نه ڍڪجي ان ۾ اکين جي سامهون سلهڙي چاري سِبيل هجي ته جيئن رستو نظر اچي سگهي. ان ٽوپيءَ تي برقعو پائين ۽ برقعي جو نقاب پوئتي ڪن ۽ باقي جسم برقعي سان ڍڪين اهڙي طرح منهن جي سامهون ٽوپي وارو نقاب به منهن کان پري رهندو.

احرام پڌڻ کانپوءِ ڪجهه ڳالهيون منع ٿي وينديون آهن ڪجهه مڪروهه ۽ ڪجهه جائز ان جو تفصيل معلم الحجاج ۽ عمدة المناسڪ ۾ موجود آهي هتي ضرورت مطابق خلاصو لکون ٿا. انجو باربار ڌيان سان مطالعو ڪريو ته جئين غلطي نه ٿئي.

www.sukkurvi.com

## احرام ۾ ممنوع ڳالهيون

احرام جي حالت ۾ هيٺيان ڪم ڪرڻ منع آهن انهن جي ڪرڻ سان گناهه ٿيندو آهي ۽ چٽي به واجب ٿيندي ۽ ڪجهه صورتن ۾ دم پڻ واجب ٿيندو آهي يعني قرباني ڪرڻ واجب ٿيندي آهي ۽ ڪجهه صورتن ۾ صدقو واجب ٿيندو آهي ۽ ڪجهه صورتن ۾ رڳو گناهه ٿيندو آهي دم وغيره واجب نه ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪا اهڙي غلطي ٿي وڃي ته صاحبِ فتويٰ علماءِ ڪرام کان ان جو حڪم پڇي عمل ڪجي يا وري معتبر ڪتاب پڙهجن.

ياد رهي: انهن ڪمن جو ڪندڙ گناهگار ته ٿيندو ئي پر ان سان گڏ انسان جو حج ۽ عمرو پڻ اڻپورو رهجي ويندو آهي ان جي لاءِ احرام ۾ منع ٿيل ڪمن کان بچڻ جو خصوصي اهتمام ڪيو وڃي.

www.sukkurvi.com

❖ احرام جي حالت ۾ مردن کي سِبيل ڪپڙا پائڻ منع آهن. اهڙي جتي پائڻ به منع آهي جنهن سان پير جي پٺيءَ جي وچ واري اڀريل هڏي لڪي وڃي. عورتون سبيل ڪپڙا ۽ هر قسم جي جُتي پائي سگهن ٿيون.

❖ احرام جي حالت ۾ مردن کي پنهنجي منهن ۽ مٿي کان ۽ عورتن کي صرف منهن کان ڪپڙي کي پري رکڻو آهي سمهندي جاڳندي هر وقت مرد مٿو ۽ چهرو کليل رکن ۽ عورتون پنهنجو منهن کليل رکن.

❖ احرام جي حالت ۾ ڪڇو پائڻ جائز نه آهي. مٿي ۽ منهن تي پٽي ٻڌڻ پڻ درست نه آهي.

❖ خوشبو وارو سرمو لڳائڻ منع آهي البته بنا خوشبو وارو سرمو لڳائڻ جائز آهي، پر ان کي به نه لڳائڻ افضل آهي.

www.sukkurvi.com

## خوشبودار صابڻ

احرام جي حالت ۾ خوشبودار صابڻ استعمال ڪرڻ منع آهي. جيڪڏهن ڪنهن استعمال ڪيو ته ان جي جزا جڇي ۾ تفصيل آهي ته.

❖ جيڪڏهن خوشبودار صابڻ جسم تي خوشبو پيدا ڪرڻ جي نيت سان استعمال ڪيو ته چاهي پوري بدن تي استعمال ڪيو هجي يا هڪ وڏي عضوي جي ٿورڙي حصي تي يا ڪنهن ننڍي عضوي تي جيئن نڪ يا ڪن تي استعمال ڪيو ته دم واجب آهي.

❖ جيڪڏهن خوشبودار صابڻ جسم تي خوشبو مهڪائڻ جي نيت سان استعمال نه ڪيو بلڪ جسم جي ڪنهن حصي تان مر، مٽيءَ لاهڻ جي لاءِ استعمال ڪيو ته استعمال ڪرڻ واري تي صدقه فطر جي برابر صدقو ڪرڻ واجب ٿيندو.

www.sukkurvi.com

❖ ها البته بغير خوشبو وارو صابڻ احرام جي حالت ۾ استعمال ڪرڻ جائز آهي. پر احرام جي حالت ۾ جسم جي مر ڪي لاهڻ لاءِ اهڙو صابڻ به استعمال ڪرڻ نه گهرجي. ڇو ته احرام جي حالت ۾ جسم جي مر لاهڻ منع آهي. (فتوىٰ دارالعُلوم ڪراچي).

## حجراسود جي خوشبو

حجراسود ۽ رڪن يماني تي گهڻو ڪري خوشبو لڳل هوندي آهي تنهن ڪري جيڪي مرد ۽ عورتون احرام جي حالت ۾ هجن اهي حجراسود کي هٿ نه لڳائين نه وري چمي ڏين بلڪ استلام جو اشارو ڪرڻ تي ئي اڪتفاء ڪن. اهڙي طرح رڪن يماني تي به هٿ نه لڳائين بنا هٿ لڳائڻ جي لنگهي وڃن.

❖ جيڪڏهن ڪنهن احرام جي حالت ۾ حجر اسود کي چمي ڏني يا رڪن يماني تي هٿ لڳايو

www.sukkurvi.com

جنهن ڪري منهن يا هٿ تي خوشبو لڳي وئي تہ گهڻي خوشبو لڳڻ جي صورت ۾ دم واجب ٿيندو ۽ ٿورڙي خوشبو لڳڻ جي صورت ۾ صدقو فطر واجب آهي. يعني (پوڻا ٻہ سير ڪڻڪ يا ان جي قيمت ) جسم يا ڪپڙن تي ڪنهن قسم جي خوشبو هڻڻ مٿي يا جسم تي خوشبودار تيل هڻڻ يا خالص زيتون يا ترن جو تيل هڻڻ منع آهي البتہ انهن تيلن کان سواءِ ٻيو ڪو تيل لڳائڻ جائز آهي.

❖ مٿي يا جسم جي ڪنهن بہ حصي جا وار ڪٽڻ يا ڪترائڻ منع آهي.

❖ پنهنجي مٿي يا جسم جي جُون مارڻ يا پنهنجي ڪپڙن جي جُون کي مارڻ جي لاءِ ڪپڙن کي اُس ۾ رکڻ منع آهي.

❖ گهرواريءَ سان همبستري ڪرڻ يا همبستريءَ جون ڳالهيون ڪرڻ يا شهوت سان ڇهڻ منع آهي.

www.sukkurvi.com

❖ احرام جي حالت ۾ هر قسم جي گناهن کان خاص طور بچڻ گهرجي جيئن گلا غيبت ڪرڻ، چغلي هڻڻ، اجايون ڳالهيون ڪرڻ، اجايا ڪم ڪرڻ، بي جا مزاق ڪرڻ، ڪنهن کي ناحق ذليل يا خوار ڪرڻ، حسد ڪرڻ، خاص ڪري عورتن جو بغير پردي جي رهڻ، اهي سمورا ڪم احرام کان سواءِ عام حالت ۾ به ناجائز آهن . احرام جي حالت ۾ خاص طور تي اهي ڪم ناجائز ۽ گناهه آهن.

احرام جي حالت ۾ جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ ۽ اجائي ڪاوڙ ڪرڻ وڏو ڏوهه آهي ان کان بچڻ گهرجي، ڪي حاجي ان گناهه ۾ گهڻو مبتلا نظر ايندا آهن.

www.sukkurvi.com

## مڪروھ ڳالهيون

❖ احرام ٻڌڻ کان پوءِ هيٺين ڪمن کي ڪرڻ مڪروھ ۽ گناھ آهي. انهن کان بچڻ جو اهتمام ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن غلطيءَ سان ٿئي وڃن تہ توبہ ۽ استغفار ڪرڻ گهرجي. پر ان جي ڪري ڇٽي واجب نہ ٿيندي.

❖ لونگ، ڦوٽا، يا خوشبو واري پٽي رجهي پان کائڻ مڪروھ آهي. ها البتہ سادو پان کائڻ جي اجازت آهي.

❖ جسم تان مَرُ لاهڻ ۽ جسم کي بغير خوشبو واري صابڻ سان ڌوئڻ مڪروھ آهي.

❖ مٿي ۽ ڏاڙهي جي وارن کي ڦڻي ڏيڻ بہ مڪروھ آهي.

❖ جيڪڏهن وار ٽٽڻ يا ڇڻڻ جو خطرو هجي. تہ مٿو کنهڻ بہ مڪروھ آهي ها البتہ آهستي

www.sukkurvi.com

آهستي ڪنهن جنهن سان وار ۽ جُون نه ڪري ان جي اجازت آهي.

❖ جيڪڏهن احرام جون چادرون بدلائيٽيون هجن يا عورتن کي ڪپڙا بدلائڻا هجن ته انهن پيين ڪپڙن کي ڪنهن قسم جي خوشبو لڳل نه هجي.

❖ چاٽي پجهي خوشبودار ميوو، خوشبودار گاهه سونگهڻ ۽ چهڻ يا مهٽڻ مڪروهه آهي ۽ چاٽي پجهي خوشبو کي سنگهڻ ۽ هٿ لڳائڻ تونٽي جو خوشبو نه لڳي مڪروهه آهي. ها جيڪڏهن بنا ارادي جي خوشبو نڪ ۾ اچي وڃي ته ڪو حرج ناهي.

❖ خوشبودار گل سونگهڻ يا ان جو نهيل هار گلي ۾ پائڻ مڪروهه ۽ منع آهي.

❖ خوشبودار ڪاڏو ڪچو ڪائڻ منع آهي. جيڪڏهن خوشبودار ڪاڏو رڌل آهي ته ان جو ڪائڻ مڪروهه ناهي.

www.sukkurvi.com

❖ اونڌو ٿي منهن ڀر وهاڻي تي پيشاني رکي ليٽڻ مڪروهه آهي. مٿو ۽ ڳل وهاڻي تي رکڻ مڪروهه ناهي جائز آهي.

❖ ڪپڙي يا ٽوال سان منهن اگهڻ مڪروهه آهي. تنهنڪري هٿ سان چهرو صاف ڪرڻ گهرجي ۽ ڪپڙو استعمال نه ڪجي، ايئن ڪعبة الله جي (غلاف) پردي جي هيٺيان اهڙي طرح بيهڻ جو پردو منهن کي لڳي مڪروهه آهي. جيڪڏهن مٿي ۽ منهن کي پردو نه لڳي ته جائز آهي.

❖ احرام جي گوڏ جي ٻنهي پلن کي سبڻ مڪروهه آهي. ايستائين جو ڳنڍ ڏيڻ يا پن ڪانٽو لڳائڻ يا ڌاڳي وغيره سان ٻڌڻ پڻ مڪروهه آهي. ها البته جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي اوگهڙ جي حفاظت لاءِ ايئن ڪيو ته دم يا صدقو واجب نه ٿيندو.

www.sukkurvi.com

❖ مٿي ۽ منهن کانسواءِ جسم جي ٻين عضون تي بنا عذر جي پٽي ٻڌڻ مڪروھ آھي، عذر جي حالت ۾ مڪروھ ناهي باقي مٿي ۽ منهن تي پٽي وغيره ٻڌڻ ڪنهن به حالت ۾ درست ناهي چاهي عذر هجي يا نه هجي.

www.sukkurvi.com

## جائز ڳالهيون

❖ احرام جي حالت ۾ هيٺيان ڪم بنا ڪراهت جي ڪرڻ جائز آهن.

❖ ٿڌاڻ يا تازگي حاصل ڪرڻ يا جسم تان ڌوڙ وغيره کي لاهڻ لاءِ خالص ٿڌي يا گرم پاڻيءَ سان غسل ڪرڻ جائز آهي پر مَرُ نه لاهجي.

❖ منڊي پائڻ، چشمو پائڻ، ڇٽي ڪڻڻ، آرسي ۾ منهن ڏسڻ، ڏندڻ ڪرڻ، ڏند اکيڙڻ، ٽٽل ننهن جو ڪٽڻ صحيح آهي.

❖ عورتن لاءِ هٿن تي دستانا پائڻ جائز ته آهي پر نه پائڻ بهتر آهي اهڙي طرح عورتن کي زيور پائڻ جائز آهي پر نه پائڻ بهتر آهي.

❖ بنا خوشبوءِ جي سُرمو لڳائڻ ۽ زخمي عضوي تي پٽي ٻڌڻ جائز آهي، پر مٿي ۽ منهن تي پٽي ٻڌڻ صحيح ناهي، ها جيڪڏهن بنا خوشبو واري دوا لڳائجي ته ان جي اجازت آهي.

❖ مٿو يا ڳل وهاڻي تي رکڻ، پنهنجو يا ٻئي جو هٿ منهن يا نڪ تي رکڻ، بالٽي يا کٽ، ٿيلهو يا ڪا ٻئي شي مٿي تي کڻڻ جائز آهي.

❖ زخم يا سڄيل جڳهه تي بغير خوشبو وارو تيل لڳائڻ جائز آهي.

❖ موذي جانور جهڙوڪ نانگ، وڇون، مک، ميڙ، ڏيڏر، ڪڪر يا منگهڻ وغيره کي مارڻ جائز آهي توڙي جو اهي حرم جائي هجن.

www.sukkurvi.com

❖ سوڊا يا ڪا ٻئي پاڻي جي بوتل جنهن ۾ خوشبو مليل نہ هجي ان کي پيئڻ جائز آهي ۽ جنهن بوتل ۾ خوشبو مليل هجي چاهي ٿوري مقدار ۾ ئي هجي ان کي پيئڻ کان بچڻ گهرجي نہ تہ صدقو واجب ٿيندو.

❖ احرام جي ڪوڏ ۾ پئسہ يا گهڙي وغيره رکڻ لاءِ کيسو لڳائڻ جي اجازت آهي.

❖ ڏڻون يا پَٽو ڳوڙهي متان يا هينيان ٻڌڻ جائز آهي ۽ قطرن يا هرنيا جي بيماريءَ ۾ ڳوڏ چڪي ٻڌڻ جائز آهي باقي ڪجھ پائڻ جائز ناهي.

www.sukkurvi.com

## احرام ۾ ٽشو پيپر جو استعمال

احرام جي حالت ۾ نڪ يا منهن جي پگهر اگهڻ لاءِ ٽشو پيپر استعمال ڪرڻ جي گنجائش آهي، ان جي ڪري ڪو دم وغيره لازم نہ ٿيندو.

## وارن جي ٽٽڻ جو مسئلو

احرام ٻڌڻ کان پوءِ تقريبا هر حاجي مرد يا عورت کي وارن جي ٽٽڻ جو مسئلو پيش ايندو آهي ان کي خاص طور تي ياد رکڻ گهرجي.

## خودبخود وارن جو ٽٽڻ

جيڪڏهن مٿي يا ڏاڙهيءَ يا جسم جي ڪنهن ٻہ حصي جا وار خودبخود ٽٽن يا ڪِرن تہ ڪجھ بہ واجب ناهي.

## وضو دوران وارن جو ٽٽڻ

❖ احرام جي حالت ۾ وضو ۽ غسل احتياط سان ڪرڻ گهرجي جسم کي گهڻو نہ مهٽجي، مٿي ۽ ڏاڙهي کي بہ گهڻو نہ ڪنهجي، خلال بہ نہ ڪجي تہ جيئن وار نہ ڇڻن. جيڪڏهن وضو يا غسل جي ڪري هڪ يا ٻہ وار ڇڻي پون تہ ڪجھ واجب ناهي.

www.sukkurvi.com

❖ جيڪڏهن ٽي وار ڇڙن تہ هڪ مٺ جي اندازي جيتري ڪڻڪ يا ان جي قيمت صدقو ڪرڻ واجب آهي.

❖ جيڪڏهن ٽن وارن کان وڌيڪ مٿي جي چوٿين حصي يا ڏاڙهي جي چوٿين حصي کان گهٽ وار ڇڙن تہ پوڻا ٻہ سير ڪڻڪ يا ان جي قيمت صدقو ڪرڻ واجب آهي.

❖ جيڪڏهن مٿي يا ڏاڙهي جو چوٿون حصو يا سڄي ڏاڙهي ۽ سڄي مٿي جا وار ڇڙن يا ڪترجي وڃن تہ دم واجب ٿيندو.

## ڪنهن سان وارن جو ٽٽڻ يا ڇڙڻ

❖ جيڪڏهن مٿي يا ڏاڙهي کي ڪنهن سان يا ايئن ئي ڇاٽي واٽي هڪ ٻہ وار پٽيائين تہ هر هڪ

www.sukkurvi.com

وار جي عيوض ماني جو ٽڪرو يا ان جي قيمت صدقو ڪرڻ واجب آهي

❖ جيڪڏهن ٽن کان وڌيڪ يا مٿي ۽ ڏاڙهي جي چوٿين حصي جي وارن کان ٿورا وار ٽٽا يا ڪٽيائين ته پوڻا ٻه ڪلو ڪڻڪ يا ان جي قيمت صدقو ڪرڻ واجب آهي.

❖ جيڪڏهن مٿي يا ڏاڙهيءَ جي چوٿين حصي جا وار ٽوڙيائين يا ڪتريائين يا ڪوڙيائين ته دم واجب آهي.

## مُڇ جو مسئلو

احرام جي حالت ۾ جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي سڄي مڇ يا ان جو ڪجهه حصو ڪوڙيو يا ڪتريو يا سنهڙو ڪيو ته پوڻا ٻه ڪلو ڪڻڪ يا ان جي قيمت صدقو ڪرڻ واجب آهي.

www.sukkurvi.com

## سفر دوران ڪهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن

❖ جڏهن هي برڪت وارو سفر شروع ٿي وڃي ته ڪثرت سان تلبيو پڙهندو رهجي. نبي ڪريم ﷺ جي اها سنت آهي. گهڻا ماڻهو ان ۾ سستي ڪندا آهن ۽ جڏهن تلبيو پڙهجي ته مردن کي آواز وڏو ڪرڻ گهرجي ۽ عورتن کي آواز جهڪو ڪري پڙهڻ گهرجي ۽ ان کان پوءِ هلڪي آواز ۾ درود شريف پڙهي ڪا به دعا گهرجي. گهٽي کان گهٽو الله تعالىٰ جي ياد ۾ رُڌل رهجي پنهنجي گناهن جي معافي وٺڻ گهرجي. تلاوت ڪجي، تسبيح پڙهجي، توبه استغفار ڪجي، دعا ۾ مشغول رهجي.

❖ دوران سفر اخبار ۽ رسالا پڙهڻ، ٽي وي ڏسڻ، خبرن تي تبصرا ڪرڻ، گناهن جون ڳالهيون ڪرڻ ۽ اجائين ڳالهين ۽ گناهن کان بچڻ گهرجي.

www.sukkurvi.com

❖ ـــ كنهن نماز جو وقت هجي تہ جهاز ۾ ئي وضو ڪري بيهي ڪري قبلہ طرف منهن ڪري نماز ادا ڪجي ڇو تہ هوائي جهاز ۾ نماز ٿي ويندي آهي. ۽ هوائي جهاز وارا اهي سڀ انتظام ڪري ڏيندا آهن. اگر اهي نہ ڪري ڏين تہ بہ توهان وقت تي نماز پڙهڻ جي پوري ڪوشش ڪريو ۽ نماز جي قضا ڪرڻ کان بچو سيٽ تي ويٺي قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ کانسواءِ نماز جائز نہ آهي جيڪڏهن غلطي سان اهڙي طرح سان ڪا نماز پڙهي هجي تہ وقت ۾ ان کي موٽائجي ۽ جيڪڏهن موٽائي نہ پڙهي هجي تہ وقت گذرڻ کان پوءِ ان جي قضا پڙهڻ واجب آهي.

## مڪي مڪرم ۾ پهچڻ

ذوق ۽ شوق سان تلبيو پڙهندي دعا و استغفار ڪندي ۽ الله تعالىٰ جي طرف ڌيان ڪندي مڪي

شريف ۾ داخل ٿيڻ گهرجي، رهڻ جي جڳهه ۽ سامان وغيره جو انتظام ڪرڻ کانپوءِ ڏسجي ته جيڪڏهن آرام جي ضرورت آهي ته آرام ڪجي نه ته وضو يا غسل ڪري عمري ڪرڻ جي لاءِ مسجد الحرام طرف وڃڻ گهرجي. تلبيو پڙهندو رهجي.

جنهن عورت کي ماهه واري جاري هجي اها جڳهه ۾ رئي رهي، مسجد الحرام ۾ داخل نه ٿئي ۽ ماهواري کان واندي ٿي عمرو ڪري.

## مسجد الحرام ۾ حاضري

❖ جيڪڏهن باب السّلام جي خبر هجي. ته مسجد الحرام ۾ ان دروازي کان اچڻ بهتر آهي، نه ته هر دروازي کان اندر داخل ٿيڻ جائز آهي.

❖ جڏهن مسجد الحرام ۾ اچو ته دل سان پوري ادب سان پهرين ساڄو پيرر کو ۽ هي دعا پڙهو.

www.sukkurvi.com

بِسْمِ اللّٰهِ وَالصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ ۝ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ ذُنُوْبِيْ وَافْتَحْ لِيْ اَبْوَابَ رَحْمَتِكَ ۝

۽ مستحب آهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ بنا ڪنهن ڪي ايذائڻ جي اڳتي وڌو.

## پهرين نظر

جڏهن بيت الله تي پهرين نظر پوي تہ رستي تان پاسي هٽي ڪري بيهو ۽ اَللّٰهُ اَكْبَرُ ٽي دفعا چئو.

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ٽي دفعا چئو

ٻئي هٿ دعا جي لاءِ کڻو ۽ درود شريف پڙهي ڪري خوب دعا گهرو. هي دعا جي قبوليت جو خاص وقت آهي ۽ هي دعا بہ گهرو.

www.sukkurvi.com

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ رِضَاكَ وَالْجَنَّةَ
وَاَعُوْذُبِكَ مِنْ سَخَطِكَ وَالنَّارِ

اي الله! آئون تو کان تنهنجي رضا ۽ جنت گهران ٿو ۽ تنهنجي ناراضگي ۽ دوزخ کان پناهه گهران ٿو.

يا الله! ڪعبہ الله تي نظر پوڻ وقت ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جيڪي دعائون گهريون آهن يا پڙايون آهن سي سڀ منهنجي پاران قبول فرماءِ ۽ اي الله منهنجي دعا کي بہ قبول ڪر! آمين.

www.sukkurwi.com

## عمرو ادا ڪرڻ جو طريقو

هاڻي توهان کي عمرو ڪرڻو آهي، تنهن ڪري مسجد الحرام ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ تحية المسجد جا نفل نہ پڙهو ڇو تہ ان مسجد جو تحيہ طواف آهي تنهنڪري دعا گهرڻ کانپوءِ عمري جو

طواف ڪريو اگر ڪنهن سببان ان وقت طواف نہ ڪرڻو هجي ۽ مڪروه وقت بہ نہ هجي تہ بجاءِ طواف جي تحية المسجد پڙهو.

- طواف جي لاءِ وضو ڪريو ڇو تہ بنا وضو طواف ڪرڻ جائز نہ آهي.
- هيٺ ۽ ڇت تي طواف ڪرڻ جائز آهي.

## طَوافُ

هاڻ طواف ڪرڻ لاءِ توهان حجر اسود ڏانهن وڌو ۽ اتي پهچي ڪري احرام جي جيڪا چادر پاتل آهي. ان کي ساڄي بغل کان ڪڍي ان جا ٻئي پاسا کاٻي ڪُلهي تي رکي ڇڏيو ۽ ساڄو ڪلهو کليل رهڻ ڏيو. ان کي اضطباع چوندا آهن. طواف جي ستن چڪرن ۾ ائين ڪرڻ سنت آهي.

www.sukkurvi.com

## طواف جي نيت

هاڻ توهان ڪعبة الله جي سامهون جنهن پاسي حجرِاسود آهي اُتي اهڙي طرح بيهو جو سڄو حجرِاسود توهان جي ساڄي پاسي وٽان ٿي وڃي ان مقصد جي لاءِ حجرِاسود جي هيٺيان فرش تي جيڪا ڳاڙهي پٽي ٺهيل آهي. ان کان بہ مدد وٺي سگهجي ٿي. هن طرح سان تہ پوءِ ڪاري پٽي پنهنجي ساڄي پاسي ڪجي ۽ پٽيءَ جي کاٻي ڪناري تي پنهنجا پير ملائي رکو.

**نوٽ:** فرش تي لڳل پٽيءَ کي ڪنهن سبب جي ڪري هٽايو ويو آهي هاڻي اها نہ آهي تنهنڪري اندازي کان ڪم وٺجي.

پوءِ قبلہ ڏانهن منهن ڪري بغير هٿ کڻڻ جي طواف جي نيت ڪريو.

www.sukkurvi.com

اي الله! آئون تنهنجي رضا جي لاءِ عمري جو طواف ڪريان ٿو تون منهنجي لاءِ هن کي آسان ڪر ۽ قبول ڪر. (حيات)

پوءِ ٿورو ڏانهن منهن ڪندي ساڄي پاسي ڏانهن سري حجرِاسود جي سامهون اچو ۽ ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻو ۽ ترين حجرِاسود ڏانهن ڪريو ۽ هيءَ دعا گهرو:

بِسْمِ اللهِ اَللهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ط
وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللهِ ○

۽ ٻئي هٿ ڇڏي ڏيو.

## استلام يا اشارو

پوءِ استلام ڪريو يعني ٻئي ترين حجرِاسود تي اهڙي نموني رکو جيئن سجدي ۾ رکيون وينديون آهن پوءِ ان جي وچ ۾ منهن رکي آهستي چمي ڏيو پر

www.sukkurvi.com

شرط آهي تہ حجرِاسود تي خوشبو لڳل نہ هجي ۽ ائين
ڪرڻ سان پين کي تڪليف بہ نہ ٿئي نہ تہ استلام نہ
ڪريو، رڳو استلام جو اشارو ڪريو. جنهن جو طريقو
هي آهي تہ ٻئي هٿ اهڙي نموني سان ڪڍو جو ٻني هٿن
جي ٻُني پنهنجي منهن طرف ٿئي ۽ ٻنهي هٿن جو ترين
وارو حصو حجرِاسود جي سامهون اهڙي طرح ڪريو ڄڻ
تہ حجرِاسود تي رکي ڇڏيا آهي. ۽ هي پڙهو:

بِسْمِ اللهِ اَللهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ط
وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللهِ ○

۽ ٻنهي هٿن جي ترين کي چُمو ۽ تلبيو بند
ڪري ڇڏيو ۽ ساڄي طرف مڙي طواف شروع
ڪريو. بيت الله جي دروازي واري پاسي هلندا هلو.
پهلوانن وانگي ٻنهي ڪلهن کي لوڏيندي، ۽ تحفا

www.sukkurvi.com

ويجها قدم رکندي هلو. ڊوڙڻ ۽ ٽپا ڏيڻ کان بچو. ان کي رمل چوندا آهن. اهو طواف جي پهرين ٽن چڪرن ۾ مردن جي لاءِ سنت آهي.

## ضروري احتياط

طواف ڪندي سڌا هلو. نظر سامهون رکو. ساڄي ڪابي نہ ڏسو جيئن حجراسود جي استلام يا اشاري ڪرڻ کانسواءِ ڪعبة الله جي طرف منهن يا پٺي ڪرڻ ناجائز آهي. ان ڪري ايئن ڪرڻ کان سخت احتياط ڪريو ۽ زبان سان هي پڙهو:

سُبْحَانَ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ

بنا هٿ کڻڻ جي جيڪي دل چاهي دعا گهرو جيڪا دعا رسالي جي شروع ۾ لکيل آهي اها گهرو نہ

www.sukkurvi.com

تہ مٿي ذڪر ڪيل ڪلما ئي ورجائيندا رهو. ياد رکو طواف ۾ اهي ڪلما يا ٻيون دعائون لازمي ناهن. ڪجهہ ماڻهون بنا سمجهي طواف جون لکيل دعائون طوطي وانگر پڙهندا رهندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ ان کان سواءِ طواف نہ ٿيندو اهو بلڪل غلط آهي.

ان ڪان پوءِ اڳيان ماڻهوءَ جي قد برابر گول ديوار ايندي انکي حطيم چوندا آهن. ان ڪان پوءِ خانہ ڪعبہ جي ڪنڊ ايندي ان کي رڪن يماني چوندا آهن. جيڪڏهن ان تي خوشبو لڳل نہ هجي تہ ان تي ٻئي هٿ ڦيرايو يا صرف ساڄو هٿ ڦيريو جيڪڏهن خوشبو لڳل هجي يا گهڻي رش هجي تہ بنا اشاري جي گذري وڃو ۽ هيءَ دعا گهرو.

اَللّٰهُمَّ اِنِّیٓ اَسْئَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِی الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ

www.sukkurvi.com

ترجمو: اي الله آئون توکان دنيا ۽ آخرت ٻنهي جي عافيت ۽ معافي گهران ٿو.

ان کان اڳتي حجر اسود ڏانهن هلو ۽ هلندي هلندي هي دعا گهرو.

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي
الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ

ترجمو: اي اسان جا رب اسان کي دنيا ۾ به ڀلائي عطا فرماءِ ۽ آخرت ۾ ڀلائي عطا فرماءِ ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. آمين.

پوءِ حجر اسود جي سامهون پهچي حجر اسود جو استلام يا اشارو ڪريو.

ٻنهي جو تفصيل مٿي گذري چڪو، ان جي مطابق عمل ڪريو، هي طواف جو هڪڙو ڦيرو ٿيو

www.sukkurvi.com

آهي. ان کان پوءِ رمل سان ڳڌ ۾ ٽيرا اچان ڪريو باقي چار ٽيرن ۾ پنهنجي عام چال ۾ هلو ۽ هر ٽيري ڪانپوءِ حجراسود جو استلام يا اشارو ڪريو ۽ طواف جي سيني ٽيرن ۾ اضطباع ڪريو. جڏهن طواف پورو ٿي وڃي ته اضطباع ختم ڪري ڇڏيو.

## مُلتزم

طواف جا ست ڦيرا پورا ڪري ملتزم تي اچو. ملتزم حجرِ اسود ۽ ڪعبة الله جي دروازي جي وچ واري ديوار کي چئبو آهي. ان سان چنبڙي ڪري دعا گهرو. اها دعا جي قبول ٿيڻ جي خاص جڳهه آهي، پر جيڪڏهن اتي به خوشبو لڳل هجي جيئن گهڻو ڪري لڳل هوندي آهي. يا ان جڳهه تي عورتن جي رش هجي، ته پوءِ ان کان ڪجهه پَرڀرو بيهي ڪري دعا گهرو. جيڪڏهن اهو به ممڪن نه هجي ته دعا ڇڏي ڏيو.

www.sukurvi.com

**مسئلو:** جيڪڏهن ڪو شخص پل ۾ ستين ڦيري جي شڪ ۾ طواف جو اٺون ڦيرو ڪري وٺي تہ ڪو حرج ناهي طواف صحيح آهي جيڪڏهن ڪنهن ڄاڻي ٻجهي اٺون ڦيرو ڪيو تہ ان کي ٻيا ڇهہ ڦيرا ملائي ست ڦيرا پورا ڪرڻ واجب آهن. ان طرح اهي ٻہ طواف ٿي ويندا. (عمده)

**مسئلو:** طواف جي دوران جيڪڏهن وضو ٽٽي وڃي تہ طواف کي ڇڏي وضو ڪريو يا جيڪڏهن جماعت بيهي وڃي تہ نماز ادا ڪريو ان کان پوءِ جتان کان طواف ڇڏيو هو اتان کان ئي رهيل طواف پورو ڪريو. بنا عذر جي جيڪڏهن ڪنهن طواف کي اڌ ۾ ڇڏيو تہ اهو مڪروہ ۽ گناهہ آهي، جيڪڏهن ايئن ٿي وڃي تہ طواف موٽائي ڪرڻ مستحب آهي.

www.sukkurvi.com

## نماز واجب طواف

اتان هٽي مقام ابراهيم وٽ اچو ۽ اهڙي طرح بيهو جو توهان جي ۽ ڪعبة الله جي وچ ۾ مقام ابراهيم اچي وڃي پوءِ جيڪڏهن مڪروه وقت نہ هجي تہ ڪلها ڍڪي ٻہ رڪعتون واجب طواف ادا ڪريو. پهرين رڪعت ۾ سورة الڪافرون ۽ ٻي رڪعت ۾ سورة الاخلاص پڙهڻ بهتر آهي. ان کان پوءِ دعا گهرو. جيڪڏهن مڪروه وقت هجي تہ ان کي گذرڻ ڏيو. يا نمازين جي گهڻائيءَ جي ڪري اتي جڳهہ نہ ملي تہ حرم شريف ۾ جتي جڳهہ ملي، اُتي نماز ادا ڪريو هاڻ طواف پورو ٿيو.

## زم زم جي کوهہ تي

نماز واجب طواف پڙهڻ کانپوءِ زم زم جي کوهہ تي وڃو ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٽن

www.sukkurvi.com

ساهن ۾ آب زم زم پيئو. هر دفعي شروع ۾ بِسۡمِ اللهِ ۽ پڇاڙي ۾ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ چئو ۽ ڏئو ڪري پاڻي پيو ۽ ڪجهه پنهنجي مٿان ڇنڊيو ۽ پوءِ قبلي ڏانهن منهن ڪري دعا گهرو ڇو ته هي دعا به بهتر آهي.

اي الله! آئون نفعو ڏيڻ واري علم ڪشادي روزي ۽ هر بيماري کان شفا گهران ٿو.

**نوٽ:** (هن وقت زم زم جي کوهه جو رستو بند ڪيو ويو آهي ۽ بيت الله جي دروازي جي سامهون زم زم جي پاڻيءَ جون نلڪيون لڳايون ويون آهن. مٿي لکيل عمل اتي به ڪري سگهجي ٿو.

## آب زم زم سان وضو

پاڪ جسم واري کي برڪت جي لاءِ زم زم جي پاڻيءَ سان وضو يا غسل ڪرڻ جائز آهي. اهڙي طرح بي وضوءَ کي وضو ڪرڻ بنا ڪراهت جائز

www.sukkurvi.com

آهي. زم زم جي پاڻيءَ سان استنجا ڪرڻ، بدن يا ڪپڙن جي پليتيءَ کي ڌوئڻ جائز ناهي ۽ جنابت جو غسل بہ نہ ڪرڻ گهرجي.(غنيه)

## سعي جو طريقو

سعي هيٺ ڪرڻ بهتر آهي ۽ مسعي جي ڇت تي بہ جائز آهي.

سعي بنا وضو جي ڪرڻ بہ جائز آهي پر با وضو ڪرڻ مستحب آهي.

پهرين حجرِ اسود جي سامهون اچو ۽ ڪاري پٽي تي بيهي حجرِ اسود جو استلام ڪريو يا اشارو ڪريو.

**نوٽ:** اڄڪلهه ڪاري پٽي ناهي تنهنڪري اندازي ڪان ڪم وٺجي.

۽ سعي ڪرڻ جي لاءِ صفا تي چڙهو جو ڪعبة الله نظر اچي پوءِ قبلي ڏانهن منهن ڪري

www.sukkurvi.com

بيهي بنا هٿ کڻ جي سعي جي هن طرح نيت ڪريو.

”اي الله! آئون تنهنجي رضا جي لاءِ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي ڪريان ٿو تون ان کي قبول فرماءِ ۽ منهنجي لاءِ آسان فرماءِ“.

پوءِ دعا لاءِ بيٺي هٿ ڪُلهن تائين کڻو ۽ ترين جو رُخ آسمان ڏانهن ڪريو.

❖ ٽي دفعہ اَللهُ اَڪۡبَرُ چئو.

❖ ٽي دفعہ لَآ اِلٰهَ اِلَّااللهُ چئو ۽ هڪ ڀيرو توحيد وارو ڪلمو پڙهو. پوءِ دورد شريف پڙهي پنهنجي لاءِ ۽ سڀني مسلمانن لاءِ ڏيان سان دعا گهرو پر ڪا خاص دعا مقرر ناهي. (غنيہ بتصرف).

❖ صفا کان لهي ڪري سڪون ۽ اطمينان سان مروه جي طرف هلو ۽ ذڪر ۽ دعا ۾ رڌل رهو ۽ جڏهن

www.sukkurvi.com

سائي ٽنبي اچڻ ۾ اندازن ڇهن هٿن جيترو فاصلو رهي تہ توهان وچولي رفتار سان ڀوڙڻ شروع ڪريو ۽ ٻئي سائي ٽنبي جي گذرڻ کان ڇهہ هٿ پوءِ ڀوڙڻ ڇڏي ڏيو. ياد رکو اها ڀوڙ مردن جي لاءِ آهي. عورتون نہ ڀوڙن ۽ هي دعا گهرو:

رَبِّ اغْفِرْ وَارْحَمْ اَنْتَ الْاَعَزُّ الْاَكْرَمُ ○

ترجمو: اي منهنجا ربّ! مون کي بخش ڪر ۽ مون تي رحم ڪر تون وڏي عزت وارو ۽ ڪرم وارو آهين.

پوءِ مروه تي پهچي ڪري ٿورو ساڄي پاسي هٽي ڪري بيهو تہ پوين کي اچ وڃ ۾ تڪليف نہ ٿئي پوءِ اهو ئي ذڪر ۽ دعا ڪريو جيڪو صفا تي ڪيو.

www.sukkurvi.com

هي سعي جو هڪڙو ڦيرو ٿيو، اهڙا ڇهه ڦيرا پيا ڪرڻا آهن. هتان کان صفا تي وڃو ته ڦيرا تي ويندا آخري ستون ڦيرو مروه تي ختم ٿيندو.

هر ڦيري ۾ مرد حضرات ساون ٿنڀن جي وچ ۾ ڊوڙندا، پر عورتون نه ڊوڙنديون. هر ڦيري جي ختم ٿيڻ تي مرد ۽ عورتون صفا ۽ مروه تي قبلي ڏانهن منهن ڪري خوب روئي ڌوئي متين دعا گهرندا ڇو ته هتي دعا قبول ٿيندي آهي پوءِ سعي جو آخري ڦيرو مروه تي پورو ڪري دعا ڪريو ۽ جيڪڏهن مڪروه وقت نه هجي ته ٻه رڪعتون مطاف جي ڪناري تي پڙهو حجر اسود جي سامهون نه ته حرم شريف ۾ جتي جڳهه ملي پڙهي وٺو.

سعي ڪانپوءِ ٻه نفل پڙهڻ مستحب آهن.

**مسئلو:** سعي جي دوران جيڪڏهن ڦيرن ۾ شڪ ٿئي ته گهٽ کي يقيني سمجهي باقي ڦيرا پورا

www.sukkurvi.com

ڪريو. مثال طور شڪ ٿي وڃي ته پنج ڦيرا ٿي ويا
آهن يا ڇهه! ته پنج يقيني سمجهي ٻه پيا ڦيرا ڪريو.

**مسئلو:** سعي جي دوران جيڪڏهن نماز شروع ٿي وڃي يا نمازِ جنازه ٿيڻ لڳي ته نماز جنازه شروع ڪريو ۽ واندو ٿي جتان کان سعي ڇڏي هئي اتان کان باقي سعي پوري ڪريو جيڪڏهن بغير عذر جي سعي کي وچ ۾ ڇڏيائين ته موٽائڻ مستحب آهي.

## مٿو ڪوڙائڻ يا قصر ڪرڻ

ڪي ماڻهو مروه تي جيڪي قينچي کڻي بيٺا هوندا آهن انهن کان مٿي جا ڪجهه وار ڪترائي سمجهندا آهن ته احرام کلي ويو. اهو غلط آهي حنفي محرم جي حلال ٿيڻ جي لاءِ مٿي جا ڪجهه وار ڪترائڻ هرگز ڪافي ناهن. جيڪڏهن اهڙي طرح ڪجهه وار

www.sukkurvi.com

ڪترائي ڪنهن سبيل ڪپڙا پائي ورتا ۽ پورو ڏينهن
يا هڪ رات يا ان کان وڌيڪ پائي رکيائين ته ان تي دم
واجب ٿيندو. ڇو ته احرام کلڻ جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ
مٿي جي چوٿين حصي جا وار ڪوڙائڻ يا هڪڙي آڱر
جي پور جي برابر ڪترڻ واجب آهن ۽ سڄي مٿي جا وار
ڪوڙائڻ يا ڪترائڻ سنت آهي.

❖ مرد ۽ عورتون ان ڳالهه جو خيال رکن ته اهي
مٿي جا وار ڪترڻ يا ڪوڙڻ کان پهرين مڇون، نهن،
بغل جا وار ۽ جسم جا ٻيا وار وغيره هرگز نه ڪٽين نه
ته جرمانو لڳندو. جيڪڏهن اهڙي غلطي ٿي وڃي ته
ڪنهن معتبر مفتي کان مسئلو پڇڻ گهرجي.

www.sukkurvi.com

## عمرو مڪمل ٿيو

حلق يا قصر ڪرائڻ کان پوءِ توهان جو
عمرو مڪمل ٿي ويو آهي. عمرو ڪرڻ ان کي ٿي

چوندا آهن، هاڻي توهان سبيل ڪپڙا ۽ جتي پايو ۽ گهر وانگر رهو هاڻ احرام جون تمام پابنديون ختم ٿي چڪيون آهن.

## نفلي طواف جو طريقو

طواف جي عبادت ڪي گهڻو ڪرڻ بيشڪ افضل آهي ۽ هي اهڙي عبادت آهي جيڪا پنهنجي ملڪ ۾ نه ٿي ڪري سگهجي. ان جي لاءِ طاقت مطابق گهڻي کان گهڻا نفلي طواف ڪرڻ گهرجن ۽ نفلي طواف ڪرڻ جو اهوئي طريقو آهي جيڪو مٿي عمري جي بيان ۾ لکيو ويو آهي. جنهن جو خلاصو هي آهي ته. حجر اسود کان پهرين طواف جي نيت ڪريو، پوءِ ان جو استلام يا اشارو ڪريو. ڪعبة الله جا ست ڦيرا چڪر لڳايو. ان کانپوءِ ملتزم تي دعا گهرو، پوءِ مقام ابراهيم تي اچي ٻه رڪعتون

www.sukkurvi.com

واجب طواف ادا ڪريو. هي نفلي طواف جو طريقو آهي. ياد رکو ته نفلي طواف ۾ نه احرام هوندو آهي نه اضطباع، نه رمل ۽ نه وري سعي هوندي آهي.

## طواف جي عظيم فضيلت

حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو جيڪو ماڻهو (سنت جي مطابق) پورو وضو ڪري. (۽ طواف جي لاءِ) حجرِ اسود وٽ اچي ان جو استلام ڪري ته اهو (الله تعالي جي) رحمت ۾ داخل ٿي ويندو آهي پوءِ جڏهن حجرِاسود جو استلام ڪري. اهو هي ڪلما چوندو آهي

بِسْمِ اللهِ اَللهُ اَكْبَرُ اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ
لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

www.sukkurvi.com

تہ الله جي رحمت ان کي ڍڪي وٺندي آهي جڏهن اهو بيت الله جو طواف ڪندو آهي تہ الله تعاليٰ (ان کي) هر قدم تي ستر هزار نيڪيون عطا فرمائيندو آهي. ستر هزار گناهہ (صغيره) معاف ڪندو آهي. ان جا ستر هزار درجا بلند ڪيا ويندا آهن. ۽ (قيامت جي ڏينهن) ان جي گهر وارن مان ستر ڄاڻين جي حق ۾ سفارش قبول ڪئي ويندي. ان کانپوءِ جڏهن مقام ابراهيمؑ وٽ اچي ٻہ رڪعتون ايمان جي حالت ۾ ثواب جي نيت سان ادا ڪندو آهي، تہ ان کي حضرت اسماعيل عليه السلام جي اولاد مان چار غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو آهي ۽ گناهن کان ايئن پاڪ ٿي ويندو آهي، جيئن ان ڏينهن (گناهن کان پاڪ هو جنهن ڏينهن کيس سندس ماءُ ڄڻيو هو. (خرج الاصفهاني في الترغيب)

www.sukkurvi.com

**فائدو:** اَللّٰهُ اَكۡبَرُ! طواف جي ڪيڏي وڏي فضيلت آهي. توهان کي به هيءَ دولت حاصل ڪرڻ جو سونهري موقعو مليو آهي. دل سان ان جو قدر ڪريو ۽ لکيل طريقي مطابق سهڻي طريقي سان طواف ڪريو.

## ٻين جي لاءِ طواف يا عمرو ڪرڻ

توهان عمري جي طواف جو طريقو پڙهي ورتو آهي جيڪڏهن توهان زنده يا مرحوم والدين يا ٻئي ڪنهن دوست جي پاران عمرو ڪرڻ گهرو ته ان جي طرفان نيت ڪري لکيل طريقي جي مطابق عمرو يا طواف ڪريو.

عمري جو احرام "تنعيم" (مڪي مڪرمه کان ٻاهر ٽن ميلن جي فاصلي تي هڪڙي جڳهه آهي جتي هڪڙي مسجد آهي جنهن کي مسجد عائشه رضہ

www.sulkurvi.com

چوندا آهن. هتان کان عمري جو احرام ٻڌندا آهن)
کان ٻڌي ڪري عمرو ڪريو. نيت هن طرح ڪريو.

"اي الله! هي عمرو يا هي طواف آءٌ پنهنجي
والد يا والده يا زال جي طرفان ڪرڻ جي نيت ڪريان
ٿو. ان جي طرفان تون ان کي قبول فرماءِ ۽ منهنجي
لاءِ آسان فرماءِ!"

۽ هي به ٿي سگهي ٿو ته عمرو يا طواف
پنهنجي پاران ڪري ان جو ثواب ڪنهن ٻئي کي
پهچايو. ان ۾ وري هي به اختيار آهي ته چاهيو ته
هڪڙي شخص کي ثواب پهچايو يا گهڻن ماڻهن کي
ثواب پهچايو چاهيو ته سڄي اُمت کي ثواب پهچايو.
سڀ اختيار آهي سڀ صحيح آهي. پهرين صورت ۾
جنهن جي طرفان نيت ڪري احرام ٻڌو آهي رڳو ان کي
ثواب ملندو ۽ ٻئي صورت ۾ هڪ عمرو يا طواف ڪري
هڪ کان وڌيڪ ماڻهن کي ثواب پهچائي سگهجي ٿو.

www.sukkurvi.com

## هڪ ڪان وڌيڪ عمرا ڪرڻ

عمري جو ڪو وقت مقرر ناهي سال ۾ صرف پنج ڏينهن جنهن ۾ حج ٿيندو آهي يعني ۹ ذوالحج ڪان وٺي ۱۳ ذوالحج تائين عمرو ڪرڻ مڪروه تحريمي آهي. يعني ناجائز آهي. انهن پنجن ڏينهن ڪان سواءِ سڄي سال ۾ جڏهن توهان چاهيو تڏهن عمرو ڪري سگهو ٿا. تنهنڪري رمضان المبارڪ ڪان پوءِ ۹ ذوالحج ڪان پهرين پهرين جڏهن چاهيو تڏهن جيترا پيرا چاهيو عمرو ڪري سگهو ٿا ۽ حج ڪان پوءِ به عمرو ڪري سگهو ٿا. جيڪي ماڻهو حج ڪان پهرين عمرو ڪرڻ ڪان منع ڪندا آهن. انهن جو روڪڻ صحيح ناهي. (ملاحظو ڪريو حاشيه مناسڪ، ملاعلي قاري، صفحو نمبر ۱۹۳)

www.sukkurvi.com

## عمرو افضل آهي يا طواف

جيڪڏهن عمرو ڪرڻ ۾ طواف کان وڌيڪ وقت لڳي ته عمرو طواف کان افضل آهي ۽ جيڪڏهن ٻنهي ۾ هڪ جيترو وقت لڳي ته ڪي چون ٿا ته عمرو طواف کان افضل آهي ۽ ڪن وٽ طواف عمري کان بهتر آهي.

ڪثرت سان عمرو ڪرڻ مڪروه ناهي. بلڪ مستحب آهي ۽ طواف ڪرڻ به اعليٰ عبادت آهي. ٻئي عبادتون وس آهر ڪرڻ گهرجن زندگي جو سونهري موقعو آهي پوءِ شايد وري ملي يا نه ملي. ان موقعي جو خوب فائدو وٺو ۽ گناهن کان بچندا رهو.

www.sukkurvi.com

## مختصر معمولات براءِ مڪه مڪرم

هتي هر نيڪيءَ جو ثواب هڪ لک جي برابر آهي. تنهنڪري هيٺيان نيڪ ڪم ڪري هر هڪ ڪم تي هڪ لک جو ثواب حاصل ڪريو.

❖ پنج ئي نمازون مسجد الحرام ۾ باجماعت ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.

❖ نفلي طواف ڪثرت سان ادا ڪريو.

❖ استغفرالله ۽ درود شريف جي وڏ ڪان وڌ تسبيح پڙهو.

سُبحَانَ اللهُ، اَلْحَمْدُلِلّٰهُ، اَللهُ اَكْبَرُ، لَآاِلٰهَ اِلاَّ اللهُ ۽ سُبْحَانَ اللهِ وَبِحَمْدِهٖ سُبْحَانَ اللهِ الْعَظِيْمِ

جون تسبيحون پڙهو ۽ ٽئي ڪلمي جي تسبيح پڙهو، جيڪڏهن ٽي سگهي ته انهن سيني جي هڪ هڪ سو داڻن واري تسبيح پڙهو، ڇو ته هي تسبيحون وڏي اجر ۽ ثواب جو باعث آهن. هتي

www.sukkurvi.com

هر تسبيح تي هڪ لک تسبيح جو ثواب آهي، گهر ڀر اهو ثواب ڪٿان ملندو؟

❖ هلندي ڦرندي ۽ سمهندي ليٽندي لَآاِلٰهَ اِلاَّ اللهُ ڪثرت سان پڙهندا رهو. هي ڪلمو تمام گهڻو مُبارڪ ڪلمو آهي. الله جي قرب جي واڌاري جو سبب آهي. ٿي سگهي ته ستر هزار دفعا پڙهو.

❖ قرآن شريف جي تلاوت ڪريو. ٿي سگهي ته هڪڙو قرآن شريف مڪمل ڪريو ۽ مناجات مقبول جي عربي، سنڌي يا اردو جي هڪ منزل روزاني پڙهي وٺندا ڪريو.

❖ اشراق، چاشت، اوابين، تهجد، قيام اليل، تحية المسجد، تحية الوضو، صلٰوة التوبة، صلٰوة التسبيح جو اهتمام ڪريو.

www.sukkurvi.com

✤ وڌ کان وڌ وقت مسجد الحرام ۾ گذاريو. ۽ ياد الاهي ۾ رڌل رهو. حرم شريف ۾ اچڻ وقت اعتڪاف جي نيت بہ ڪري وٺندا ڪريو. دنيا جي ڳالهين کان پرهيز ڪريو.

✤ صدقو ۽ خيرات ڪندا رهو ۽ هڪٻئي جي بہ مدد ڪندا رهو ۽ ٻين کان جيڪا تڪليف پهچي ان کي برداشت ڪريو ۽ هر حال ۾ الله تعالىٰ جي رضا جي طلب ۾ لڳا رهو.

✤ هتي هر نيڪي جو ثواب هڪ لک جي برابر آهي ۽ گناهہ جو وبال بہ گهڻو سخت آهي. ان لاءِ فسق وفجور، بيهودين ڳالهين، جهيڙي ،غيبت، اجاين ڳالهين ۽ فضول مجلسن کان پرهيز ڪريو ۽ ان جڳهہ جي احترام جي خلاف ڪا ڳالهہ نہ ڪريو.

www.sukkurwi.com

❖ مڪي جي ماڻهن کي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو. انهن جي سختيءَ کي الله ڪارڻ برداشت ڪيو ۽ پنهنجي مداين تي نظر رکو ۽ انهن جي ڀلاين کي ياد رکو.

❖ بنا ضرورت جي بازار ۾ نہ گهمو ۽ پنهنجو قيمتي وقت ضايع نہ ڪريو. ضرورت جي ڪري وڃڻو پوي تہ جلدي واپس اچڻ جي ڪوشش ڪريو.

www.sukkurvi.com

## هتي دعائون قبول ٿين ٿيون

مڪي مڪرمہ ۾ هونئن تہ هر جڳهہ تي دعا قبول ٿيندي آهي پر هيٺين مقامن تي دعا وڌيڪ قبول ٿيندي آهي. تنهنڪري انهن جڳهين تي دعا گهرڻ جو خاص خيال رکو. دعا گهرڻ لاءِ عورتن جي رش ۾ ازخود داخل نہ ٿيو ۽ نہ وري ڪنهن ٻئي کي ايذايو.

❖ خانہ ڪعبہ تي پهرين نظر پوڻ وقت ۽ مطاف ۾

❖ طواف ڪرڻ وقت

- حجر اسود جي سامهون ۽ ملتزم تي
- حطيم ۾ ميزابِ رحمت جي هيٺيان "رڪن يماني" تي ۽ مقام ابراهيم وٽ
- آب زم زم جي کوهه تي،
- "صفا" تي وچ ۾ جتي ڊوڙندا آهن ۽ "مروه" تي
- "منیٰ" ۾، جمرات وٽ، "مسجد خَيف" ۾ جتي ستر انبياءَ عليهم السلام مدفون آهن، عرفات ۾.
- "مزدلفه" ۾ "مسجد مشعرالحرام" وٽ
- هر ان جڳهه تي جتان ڪان ڪعبة الله نظر اچي.

## چند زيارتون

مڪي معظمه ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون جڳهيون آهن جنهن سان نبي اڪرم ﷺ جي سيرت جا اهم واقعا تعلق رکن ٿا. انهن جڳهين جي زيارت حج ۽ عمري جو حصو ته ناهي پر اتي وڃي سيرت جا

www.sukkurvi.com

اُهي واقعا ياد ڪرڻ سان ايمان تازو ٿيندو آهي. انڪري مڪي مڪرمہ ۾ رهڻ دوران جيڪڏهن آساني سان موقعو ملي ۽ همت ۽ طاقت ساٿ ڏيئي تہ انهن جڳهين تي وڃڻ ۽ زيارت ڪرڻ بهتر آهي. انهن جڳهين تي الله تعالىٰ جي رحمت سان دعا جي قبول ٿيڻ جي بہ اميد آهي، پر اتي وڃڻ ضروري هرگز ناهي، جيڪڏهن ڪو بلڪل نہ وڃي تہ بہ ان جي حج ۽ عمري ۾ خلل نہ پوندو. زياده فڪر حرم شريف جي حاضري جو هجڻ گهرجي ڇو تہ اصل زيارت جي جڳهہ اها ئي آهي.

<u>غار ثور:</u> جتي هجرت جي وقت رسول ڪريم ﷺ جن ٽي ڏينهن قيام فرمايو هو.

<u>غار حرا:</u> جتي قرآن شريف جي پهرين آيت لٿي.

www.sukkurvi.com

**مسجد الجن:** جتي حضورﷺ جنات کي تبليغ فرمائي ۽ هيءَ مسجد جنت المعلىٰ جي ويجهو واقع آهي.

**مسجد الرايَة:** جت حضور اڪرمﷺ جن مڪي جي فتح جي ڏينهن جهنڊو کوڙيو.

**مسجد بلال:** هي جبل ابوقُبيس جي مٿان آهي جت هڪ قول جي مطابق چنڊ جا ٽڪرا ڪرڻ جو معجزو ٿيو هو.

**مولدالنبيﷺ:** محله مولد النبيﷺ حضور اقدسﷺ جي پيدا ٿيڻ جي جڳهہ آهي.

**جنت المعلىٰ:** مڪي مڪرمہ جو قبرستان.

www.sukkurvi.com

## طواف ۽ سعي جي لاءِ خاص دعائون:

**پھرئين ڦيري ۾:**

ياالله! مون کي پوري ٻانھپ عطا فرماءِ.

**ٻئي ڦيري ۾:**

ياالله! مون کي پنھنجي رضا ۽ بخشش عطا فرماءِ!

**ٽئين ڦيري ۾:**

ياالله! مون کي پنھنجي برڪت ۽ رحمت عطا فرماءِ!

**چوٿين ڦيري ۾:**

ياالله! مون کي صحت ۽ عافيت عطا فرماءِ!

**پنجين ڦيري ۾:**

ياالله! مون کي عفت ۽ تقويٰ عطا فرماءِ!

www.sukkurvi.com

**ڇهين ڦيري ۾:**

يا الله! مون کي پنهنجو فضلِ عظيم ۽ اجرِ عظيم عطا فرماءِ!

**ستين ڦيري ۾:**

يا الله! مون کي جنت الفردوس عطا فرماءِ ۽ دوزخ کان ڇوٽڪارو ڏي. (آمين)

**ملتزم ۽ مقام ابراهيم تي دُعا:**

يا الله منهنجي دل ۾ پنهنجي محبت پيرج ۽ مون کي مکمل سنت جي پيروي جي توفيق عطا فرمائج ۽ منهنجو خاتمو ڪامل ۽ خالص ايمان تي فرمائج! آمين.

www.sukkurvi.com

# مدينہ منوره

# آقا ﷺ جن جي

# خدمت ۾ حاضري

# درود و سلام ۽

# دستور العمل

www.sukkurvi.com

## روضي اقدس جي زيارت

رسول الله ﷺ فرمان آهي تہ: ”جنهن حج ڪيو ۽ ان کان پوءِ منهنجي قبر جي زيارت ڪئي. منهنجي وفات کان پوءِ تہ اهو (زيارت جي سعادت حاصل ڪرڻ ۾) انهن ماڻهن وانگر آهي، جن حياتيءَ ۾ منهنجي زيارت ڪئي.“ (رواه البيهقي)

پاڻ سڳورن ﷺ جن جو فرمايو تہ: ”جنهن منهنجي قبر جي زيارت ڪئي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي.“ (ابن خزيمہ)

رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”جنهن شخص حج ڪيو ۽ منهنجي زيارت نہ ڪئي ان مون سان بد سلوڪي ڪئي.“ (راوه ابن عدي بسند حسن)

رسول الله ﷺ جن فرمايو: جيڪو شخص منهنجي قبر جي ويجهو (بيهي ڪري) مون تي

www.sukurvi.com

درورد پڙهندو آهي تہ آءٌ پاڻ ان کي ٻڌندو آهيان.
(رواه البيهقي)

**فائدو:** رسول اڪرم ﷺ پنهنجي قبر مبارڪ ۾ زنده آهن. اها ڳالهہ جمهور اُمت جي مُسلّمات مان آهي. تنهنڪري پاڻ ﷺ جا جيڪي اُمتي سندن قبر مبارڪ تي حاضر ٿي ڪري سلام عرض ڪندا آهن. پاڻ ﷺ انهن جو سلام ٻڌندا آهن ۽ جواب ڏيندا آهن. اهڙيءَ صورت ۾ وفات کان پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي قبر مبارڪ تي حاضر ٿيڻ ۽ سلام عرض ڪرڻ هڪ طرح سان بالمشافہ آمهون سامهون سلام پيش ڪرڻ جي برابر آهي. جيڪا بنا شڪ جي، اهڙي عظيم سعادت آهي جيڪا هر زيارت ڪندڙ کي ادب سان هر قيمت تي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.
(معارف الحديث)

www.sukkurvi.com

## عظيم سعادت:

عمري کان پوءِ سڀ کان افضل ۽ وڏي ۾ وڏي سعادت سَيِّدُ الانبياء رحمة للعٰلمين ﷺ جي روضي اقدس جي زيارت آهي. رسول الله ﷺ جن جي محبت اها شيءِ آهي جنهن کان سواءِ ايمان درست رهي نٿو سگهي. ان ڪري ڍِيار مقدس ۾ پهچڻ کان پوءِ روضي اقدس جي سامهون پاڻ حاضر ٿي ڪري درود و سلام پيش ڪرڻ جي سعادت ۽ ان تي ملڻ وارا بي شمار ثمرات ۽ برڪتون حاصل ڪجن، جيڪي پري کان درود وسلام پڙهڻ سان حاصل نٿا ٿين.

جن مردن ۽ عورتن تي حج فرض هجي انهن جي لاءِ پهرين حج ڪرڻ ۽ پوءِ مديني جي زيارت لاءِ وڃڻ بهتر آهي ۽ جن تي حج فرض نہ هجي انهن کي اختيار آهي، پِلي پهرين مدينہ منور ۾ حاضري ڏين

www.sukkurvi.com

۽ پوءِ حج ڪن. يا پهرين حج ڪن پوءِ مديني ۾ حاضر ٿين. (زبده بتصرف)

❖ جڏهن مديني منوره جو سفر شروع ڪريو ته حضور اقدس ﷺ جن جي روضي اقدس جي زيارت جي نيت ڪريو ۽ نيت هن طرح ڪريو:

❖ اي الله! آئون سرورِ دو عالم ﷺ جن جي مزار مبارڪ جي زيارت لاءِ مديني منوره جو سفر ڪريان ٿو اي الله انهي کي قبول فرماءِ. (عمدة المناسک بتصرف ڪثير).

❖ مديني منوره وڃڻ وقت احرام جي ضرورت نه آهي جيڪڏهن واپسي ۾ مڪي شريف اچڻو پوي ته احرام ٻڌڻو پوندو ان جي لاءِ احرام جا لوازمات (چادرون وغيره) گڏ رکو.

www.sukkurvi.com

❖ مديني جي سفر ۾ سنتن تي عمل ڪرڻ جو خاص خيال رکو. ان جي لاءِ "عليڪم بسنتي" ڪتاب کي خاص طور مطالعي ۾ رکو.

❖ ان سفر ۾ ذوق و شوق ۽ پوري ڌيان ۽ توجهه سان وڌ کان وڌ درود پاڪ پڙهو نماز وارو درود شريف سڀ کان افضل آهي.

❖ جڏهن مديني منوره جي آبادي ۽ گهر نظر اچن ته روضي شريف کي ڏسڻ جي شوق کي وڌايو ۽ خوب درود و سلام پڙهندي مديني منوره ۾ داخل ٿيو.

## مسجد نبوي ۾ حاضري

❖ رهائش گاهه ۾ سامان رکي غسل ڪريو ته بهتر آهي، نه ته وضو ڪريو. سٺا ڪپڙا پايو ۽ خوشبو لڳايو ۽ مسجد نبوي ڏانهن ادب ۽ احترام سان هلو. نفلي صدقو ڪريو.

www.sukkurvi.com

❖ باب جبرئيل جي خبر هجي تہ پهرين پيري ان مان داخل ٿيڻ افضل آهي نہ تہ باب السلام مان داخل ٿجي جيڪڏهن نہ تہ جنهن دروازي مان داخل ٿيو درست آهي داخل ٿيڻ وقت هي چئو.

بِسْمِ اللّٰهِ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ

رَبِّ اغْفِرْلِيْ ذُنُوْبِيْ وَافْتَحْ لِيْ اَبْوَابَ رَحْمَتِكَ

ۦ ساڄو پير مسجد اندر ڪو ۦ نفلي اعتڪاف جي نيت ڪريو.

جيڪڏهن آساني سان اچي سگهو تہ سڌا رياض الجنة اچو نہ تہ جتي جڳهہ ملي ۦ مڪروه وقت بہ نہ هجي تہ اُتي ٻہ رڪعتون تحية المسجد پڙهو.

پوءِ جيڪڏهن آساني سان اچي سگهو تہ محراب النبيؐ وٽ اچو. هتي حضور اڪرم ﷺ جن جو ممبر مبارڪ هو. ان جڳهہ تي شڪراني جا ٻہ نفل

www.sukkurvi.com

پڙهو ۽ نفل پڙهي دل سان الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪريو. تہ ان پنهنجي فضل وڪرم سان هيستائين پهچايو ۽ دعا ڪريو تہ هاڻ آءٌ سلام عرض ڪرڻ وڃي رهيو آهيان. منهنجو سلام قبول پوي.

## روضي اقدس تي سلام

❖ هاڻي وڏي ادب ۽ احترام سان پنهنجي نالائقي ۽ گناهن ڪي ياد ڪندي روضي اقدس ڏانهن هلو جڏهن توهان ڇارين جي سامهون ان جڳهہ تي جتي چاندي جي تختي لڳل آهي انهي پهچو تہ ان جڳهہ جي بلڪل سامهون ڇارين ۾ گول ٽي سوراخ نظر ايندا پهرين سوراخ تي اچڻ جو مطلب هي آهي، تہ اُن جڳهہ کان حضور اڪرم ﷺ جن جو چهرو مُبارڪ سامهون آهي.

www.sukkurvi.com

❖ تنهنڪري ڇارين ڪان اندازاً چار وکن جي فاصلي تي ادب سان بيهو. هٿ سڌا ڪريو. نظر جَهڪي ڪريو ۽ ڌيان نبي اڪرم ﷺ ڏانهن ڌريو ۽ ايتري آواز سان سلام عرض ڪريو جو ڇارين جي اندر واري ديوار مبارڪ تائين توهان جو آواز وڃي ۽ هن طرح چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ سمجهو ته منهنجو سلام الله جي رسول ﷺ ٻڌي ورتو آهي. ۽ پاڻ ﷺ سلام جو جواب ڏيندا آهن. لهذا منهنجي سلام جو جواب پاڻ ڪريمن ﷺ ارشاد فرمايو آهي.

❖ هاڻ پوري ادب و احترام ۽ ڌيان سان جيترو ٿي سگهي درود پڙهو جيڪو درود شريف چاهيو پڙهي سگهو ٿا پر اسان جي اسلاف روضي اقدس تي هن طرح سلام پڙهڻ کي لکيو آهي.

www.sukkurvi.com

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰهِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰهِ

توهان ٻه بار هي الفاظ ورجائي سگهو ٿا. اهي الفاظ دل سان ادا ڪريو پورو ڌيان حضور اڪرم ﷺ ڏانهن رهي ته نماز وارو درود به پڙهي سگهو ٿا.

❖ ان کان پوءِ ساڄي طرف جارين ۾ پيو سوراخ آهي، ان جي سامهون بيهي ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي خدمت ۾ هن طرح سلام عرض ڪريو.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ يَا سَيِّدَنَا

اَبَا بَكْرِنِ الصِّدِّيْقِ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْكَ وَعَنَّا

www.sukkurvi.com

❖ ان کان پوءِ ٽورو ساڄي پاسي ٽي کري ٽئين سوراخ جي سامهون بيهي کري حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي خدمت ۾ هن طرح سلام عرض ڪريو.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ

يَا اَمِيْرَ الْمُؤْمِنِيْنَ سَيِّدَنَا عُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ

رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْكَ وَعَنَّا

❖ ان کان پوءِ کاٻي هٿ جي پاسي اُنهيءَ پهرين سوراخ جي سامهون اچو جنهن ۾ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن آهن. مٿي لکيل درود و سلام يا نما ز وارو درود شريف ذوق و شوق سان پڙهو ۽ جن ماٺهن توهان کي حضور صلى الله عليه وسلم جي

www.sukkurvi.com

خدمت ۾ سلام عرض ڪرڻ جو چيو آهي.
انهن جو سلام پنهنجي زبان سان هن طرح
پهچايو. مثال طور:

"يا رسول الله! عبدالحڪيم ۽ عبدالرؤف
توهان جي خدمت ۾ سلام عرض ڪيو آهي.
توهان انهن جو سلام قبول فرمايو ۽ اهي توهان
کان شفاعت جا اميدوار آهن".

جيڪڏهن نالو ياد نه هجي ته هن طرح
عرض ڪريو. يا رسول ﷺ! گهڻن ماڻهن توهان
جي خدمت ۾ سلام عرض ڪيا آهن. انهن سڀني
جا سلام قبول فرمايو.

❖ پوءِ ان جڳهه کان هٽي اهڙي جڳهه هليا
وڃو جو توهان جي قبلي رخ ٿيڻ سان روضي
اقدس ڏانهن توهان جي پُٺ نه ٿئي اُت الله تعاليٰ

www.sukkurvi.com

کان خوب روئي ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي والدين، اهل و عيال، ملندڙ جُلندڙ دعا ڪرائڻ وارن ۽ سڀني مسلمانن جي لاءِ دعا گهرو. بس انهي ڪيئي سلام چوندا آهن.

جڏهن به سلام عرض ڪرڻو هجي ته ان طرح ئي سلام عرض ڪريو.

❖ جيستائين مديني منوره ۾ ترسڻ ٿئي ته ڪثرت سان روضي اقدس جي سامهون حاضر ٿي سلام عرض ڪندا رهو. خاص ڪري پنجن نمازن کان پوءِ اگر ڪنهن وقت حاضري جو موقعو نه ملي ته توهان مسجد نبوي ۾ ڪنهن به جڳهه تان سلام عرض ڪري سگهو ٿا توڙي جو اُن جي اها فضيلت ناهي جيڪا حاضر ٿي ڪري سامهون عرض ڪرڻ ۾ آهي.(احڪام حج).

www.sukkurvi.com

مسجد نبوي کان ٻاهر ٻہ جڏهن روضي اقدس ﷺ جي سامهون گذر ٿئي تہ ٿوري دير بيهي ڪري مختصر سلام عرض ڪري اڳتي وڌو (احڪام حج).

## عورتن جو سلام

❖ عورتن کي ٻہ روضي اقدس جي زيارت ۽ سلام عرض ڪرڻ گهرجي ۽ سلام عرض ڪرڻ جو طريقو مٿي لکيل آهي. عورتون بہ ان مطابق سلام عرض ڪن (بشرطيڪ حڪومت طرفان منع نہ هجي) عورتن جي لاءِ رات جي وقت حاضر ٿي ڪري سلام عرض ڪرڻ بهتر آهي ۽ جڏهن رش گهٽي هجي تہ پري کان ئي سلام عرض ڪري ڇڏين.

www.sukkurvi.com

❖ جيڪڏهن ڪنهن عورت جي ماهواري يا نفاس واري حالت هجي تہ گهر ۾ رهي سلام عرض ڪرڻ لاءِ مسجد نبوي ۾ نہ اچي جيڪڏهن مسجد کان ٻاهر باب السلام يا ڪنهن ٻئي دروازي وٽ بيهي سلام عرض ڪرڻ گهري تہ ڪري سگهي ٿي. جڏهن پاڪ ٿئي تہ روضہ اقدس تي سلام عرض ڪرڻ هلي وڃي.

❖ مديني منوره ۾ بہ عورتن کي گهر ۾ ئي نماز پڙهڻ افضل آهي. ڇو تہ انهن کي گهر ۾ نماز پڙهڻ سان مسجد نبوي جي جماعت جو ثواب ملي ويندو آهي. (بدائع) پر جيڪڏهن عورتون مسجد نبوي ۾ سلام عرض ڪرڻ لاءِ حاضر ٿين ۽ نماز جو وقت اچڻ تي مسجد نبوي جي جماعت

www.sukkurvi.com

۾ شامل ٿي ڪري نماز ادا ڪن ته انهن جي نماز ٿي ويندي.

## چاليهه نمازون

حضرت انس ؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته "جيڪو ماڻهو منهنجي مسجد ۾ چاليهه نمازون ادا ڪري ۽ ان جي ڪا نماز فوت نه ٿئي ته ان لاءِ دوزخ کان برائت لکي ويندي ۽ عذاب و نفاق کان برائت لکي ويندي" (رواه احمد).

**تشريح:** ان حديث پاڪ مان مسجد نبوي ۾ چاليهن نمازن جي ادا ڪرڻ جي وڏي فضيلت معلوم ٿي ته الله تعاليٰ انهن نمازن جي برڪت سان نمازيءَ کي دوزخ جي عذاب ۽ نفاق کان بري فرمائيندو آهي. انڪري مسجد نبوي جي نمازن جو خاص اهتمام ڪرڻ گهرجي ۽ چاليهه نمازون ادا ڪري هي

www.sukkurvi.com

عظيم فضيلت حاصل ڪرڻ گهرجي. پر مسجد نبوي ۾ چاليهه نمازون فرض يا واجب ڪو نه آهن. ۽ هي نمازون ادا ڪرڻ حج يا عمري جو ڪو حصو نه آهن جيڪڏهن ڪو شخص اهي چاليهه نمازون مسجد نبوي ۾ ادا نه ڪري سگهي ته ان تي ڪوئي گناهه ناهي ۽ ان جي حج ۽ عمري ۾ ڪا ڪوتاهي به نه ٿيندي.

عورتن جي لاءِ مديني منوره ۾ به گهر ۾ نمازون پڙهڻ افضل آهن جنهن جو حاصل هي آهي ته انهن کي گهر ۾ چاليهه نمازون پڙهڻ جو ثواب به ملي ويندو انڪري عورتون مسجد نبوي ۾ چاليهه نمازون ادا ڪرڻ جو فڪر نه ڪن. پنهنجي گهرن ۾ نمازون ادا ڪن. ها ڪڏهن نماز جي وقت مسجد ۾ هجن ۽ مسجد جي جماعت ۾ شامل ٿي وڃن ته انهن جي نماز ٿي ويندي.

www.sukkurvi.com

۽ جيڪڏهن ماهواري جي عذر جي ڪري عورتون چاليهه نمازون گهر ۾ به پوريون نه ڪري سگهن ته ڪا ڳالهه ناهي بلڪ قدرتي عذر ۽ غير اختياري معذوري جي ڪري قوي اميد آهي ته الله تعالىٰ عورتن کي محروم نه فرمائيندو. عورتون هر نماز جي وقت وضو ڪري گهر ۾ ئي مصلي تي ويهي ڪري تورو گهڻو ذڪر ڪري وٺن انشاءَ الله اهو ڪافي آهي ۽ ضروري اهو به ناهي.

## مختصر دستورالعمل

جيستائين مدينه منوره ۾ ترسڻ ٿئي ان کي وڏي غنيمت سمجهو ۽ جيترو ٿي سگهي پنهنجي وقت کي ذڪر ۽ عبادت ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪريو ان سلسي ۾ هنن ڳالهاين جو اهتمام فائدي مند آهي.

www.sukkurvi.com

۱) روضي اقدس ﷺ تي ڪثرت سان سلام پڙهڻ وڃو. گهٽ ۾ گهٽ هر نماز کانپوءِ حاضري ڏيو. ۽ سلام پيش ڪريو.

۲) وڏ کان وڏ درود شريف پڙهندا رهو ۽ ذڪر و تلاوت ۽ ٻين تسبيحن جو اهتمام رکو.

۳) رياض الجنة ۾ جيترو موقعو ملي سگهي نفل ادا ڪريو ۽ دعائون گهرو ۽ خاص خاص ٽنين جي پر ۾ نفل نماز پڙهو ۽ دعا گهرو.

۴) اشـراق، چاشـت، اوّابين، تهجـد ۽ صـلاة التسبيح روزانو پڙهو.

۵) ڪڏهن ڪڏهن آسانيءَ مطابق مدينه منوره جي زيارتن تان ٿي اچو ۽ جنت البقيع وڃي اتي ايصال ثواب ۽ مغفرت جي دعا گهرو ۽ انهن جي وسيلي سان پنهنجي لاءِ دعا گهرو.

www.sukkurvi.com

٦) مديني وارن ۽ مديني منوره جي شين جي گلا نہ ڪريو، خريد و فروخت ۾ بہ مديني وارن جي امداد جي نيت رکو تہ جيئن ثواب ملي.

٧) مديني منوره ۾ سيني گناهن ڪان تمام گهڻو بچو، خاص ڪري اجايون ڳالهيون، گلا ڪرڻ، چغلي هڻڻ ۽ جهيڙي جهڳڙي ڪان خاص ڪري بچو.

www.sukkurvi.com

## مديني منوره کان واپسي

جڏهن مديني منوره کان واپسي جو ارادو ٿئي ۽ مڪروه وقت نہ هجي تہ مسجد نبوي ۾ ٻہ رڪعتون نماز پڙهو ۽ پوءِ روضي اقدس جي سامهون الوداعي سلام عرض ڪرڻ وڃو اُن جو اهو ئي طريقو آهي جيڪو سلام عرض ڪرڻ جو پهرين لکيو ويو آهي.

سلام عرض ڪرڻ وقت روئڻ اچي تہ روئي پئو، ۽ اُن وڇوڙي تي لُڙڪ وهايو تہ الله جاڻي وري ڪڏهن هن پاڪ در جي حاضري نصيب ٿيندي ۽ دعا ڪريو تہ اي الله اسان جي سفر کي آسان فرمائي ۽ عافيت ۽ سلامتي سان پنهنجي گهر وارن وٽ پهچائي ۽ ٻيهر حاضري نصيب فرمائي ۽ اي الله منهنجي هن حاضريءَ کي منهنجي آخري حاضري نہ بڻائج. بلڪ عافيت سان وري وري حاضري عطا فرمائيندو رهجان. (آمين).

www.sukkurvi.com

## مديني طيبہ کان مڪي مڪرم يا جدي ڏانهن اچڻ:

ڪي ماڻهو عمري کان پهرين مديني منوره ڏانهن ويندا آهن ۽ ڪي عمري کان پوءِ. واپسيءَ تي سڌا جدي ويندا آهن ڪي مڪي

مڪرمہ ڏانهن. جنهن جي ڪري مديني منوره کان احرام ٻڌڻ جون مختلف صورتون ٿينديون آهن. سولائي لاءِ انهن جو خلاصو هتي لکيو وڃي ٿو.

❖ جيڪي ماڻهو مديني منوره کان واپسي تي مڪي مڪرمہ وڃڻ جو ارادو نہ ٿا رکن بلڪ سڌا جدي کان پنهنجي ڏيهہ اچڻ جو ارادو رکن ٿا انهن کي مديني منوره کان ڪنهن احرام جي ضرورت نہ آهي.

❖ جيڪي ماڻهو مديني طيبہ کان مڪي مڪرمہ وڃڻ گهرندا آهن انهن کي گهرجي تہ اهي عمري جو احرام ٻڌي وڃن. بنا احرام جي مڪي مڪرمہ وڃڻ جائز نہ آهي.

www.sukkurvi.com

## ضروري مسئلو

جيڪڏهن ڪنهن عورت جا گهر وارا مديني طيبہ کان واپسيءَ تي جدي وچڻ کان پهرين چند ڪلاڪن جي لاءِ عمري جي ارادي سان مڪي مڪرمہ ڏانهن اچڻ گهرن ۽ عورت حائضہ هجي تہ عورت کي بہ مڪي مڪرمہ اچڻ جي لاءِ حج يا عمري جو احرام ٻڌڻ لازمي هوندو ۽ حيض کان پاڪ ٿي ڪري اهو ادا ڪرڻو پوندو. ۽ بغير احرام ٻڌڻ جي مڪي مڪرمہ وڃڻ جائز نہ ٿيندو نہ تہ دم واجب ٿيندو. ان لاءِ مڪي مڪرمہ اچڻ جو فيصلو سوچي سمجهي ڪرڻ گهرجي.

## ڏيهہ واپس موٽڻ

جڏهن پنهنجو شهر يا ڳوٺ ويجهو اچي تہ ان ۾ داخل ٿيڻ تي هيءَ دعا پڙهو.

www.sukkurvi.com

آئِبُوْنَ تَائِبُوْنَ عَابِدُوْنَ لِرَبِّنَا حَامِدُوْنَ

گهر وارن کي پنهنجي اچڻ جو پهرين اطلاع ڪريو جيئن اوچتو گهر نہ پهچو جڏهن پنهنجي شهر ۾ داخل ٿيو ۽ مڪروه وقت نہ هجي تہ پاڙي جي مسجد ۾ وڃي ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪريو ۽ جڏهن گهر ۾ داخل ٿيو تہ هي دعا پڙهو.

تَوْبًا تَوْبًا لِرَبِّنَا اَوْبًا لَا يُغَادِرُ عَلَيْنَا حَوْبًا

۽ گهر ۾ ٻہ رڪعتون نفل پڙهو (حيات) ۽ دل جي گهرائي سان ان سفر جي عافيت سان پوري ٿيڻ تي شڪر ادا ڪريو ۽ باقي زندگيءَ کي رب ڪعبہ جي مرضي و رضا جي مطابق پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ان سفر جي خوبيون راحتون ماڻهن جي سامهون بيان ڪري سگهو ٿا. پر ان

www.sukkurvi.com

سفر جون تڪليفون ۽ ڏکيايون بيان ڪرڻ کان
پرهيز ڪريو.

وَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ سَيِّدِنَا
وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ اٰمِيْنَ
بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرّٰاحِمِيْنَ

تَمَّتْ بِالْخَيْر

www.sindhulibrary.com

## اشارات

ڳاڙهو رنگ فرض جي علامت آهي جنهن کي پورو ڪرڻ ضروري آهي نہ تہ حج ۽ عمرو نہ ٿيندو.

زردو رنگ واجب جي علامت آهي جنهن جو ادا ڪرڻ لازمي آهي نہ تہ دم واجب ٿيندو.

سائو رنگ سنت ۽ مستحب جي نشاني آهي جنهن بہ ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن رهجي وڃي تہ دم وغيره لازم نہ آهي.

اڇو رنگ هڪ عام علامت آهي جنهن ۾ عمل جو ڪو خاص درجو ٻڌائڻ مقصود ناهي.

www.sukkurvi.com

# عمره جو طريقو

## قدم به قدم

## پڙهندا وڃو

## ڪندا وڃو.

www.sukkurvi.com



# عمره ادا ڪرڻ جي

# طريقي جو خلاصو

عمره جي طريقي جو تفصيلي مطالعو ڪرڻ کان پوءِ هيٺ انجو خلاصو لکيو وڃي ٿو. ان ۾ اشارن جي مدد سان ان شاء الله توهان سنت جي مطابق سولائي سان عمره ادا ڪري سگهندا.

www.sukurvi.com

## عمره جو احرام

### احرام جي تياري

مٿي جا وار سنواري خط ونرائي مُڇون ڪتريو. زيرناف ۽ بغل جا وار صاف ڪريو.

### غسل

احرام جي نيت سان غسل ڪريو نہ تہ وضو ڪريو.

### احرام جون چادرون

هاڻ مرد هڪ سفيد چادر ٻڌن ۽ ٻئي اوڍن ۽ جتي لاهي هوائي چپل پائين. عورتون پنهنجي خاص طريقي احرام تي ڪتاب مطابق عمل ڪن.

### نفل نماز

مٿو ڍڪي ٻہ رڪعت نفل ادا ڪريو. هوائي جهاز جي ذريعي وڃڻ جي صورت ۾ جهاز ۾ احرام ٻڌڻ وڌيڪ مناسب آهي. تنهن ڪري نيت ۽ تلبيہ ڪانسواءِ ٻيا ڪم گهر يا ايئرپورٽ تي ڪريو ۽

www.sukkurvi.com

جڏهن هوائي جهاز فضا ۾ بُلند ٿي وڃي تہ اُن وقت نيت ڪريو ۽ تلبيہ پڙهو.

## نيت

پنهنجو مٿو ڪرليو ۽ نيت ڪريو.

اي الله ! تنهنجي رضا لاءِ عمري جو ارادو ڪريان ٿو تون منهنجي لاءِ ان کي آسان ڪر قبول فرماءِ.

## تلبيہ

نيت ڪندي ٽي دفعا لبيڪ چئو.

لَبَّيْكَ اللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ. لَبَّيْكَ لَاشَرِيْكَ لَكَ لَبَّيْكَ.
اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكَ لَاشَرِيْكَ لَكَ

## دعا

ان کان پوءِ درود شريف پڙهي هيءَ دعا گهرو.

اي الله! آءٌ تنهنجي رضا ۽ جنت گهران ٿو ۽ تنهنجي ناراضگي ۽ دوزخ کان پناهہ گهران ٿو هن موقعي تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جيڪي

www.sukkurvi.com

دعائون گهريون ۽ پڇايون آهن اهي سڀ منهنجي طرفان قبول فرماءِ.

## احرام جون پابنديون

احرام جون پابنديون: نيت ۽ تلبيه پڙهندي ئي احرام جون پابنديون شروع ٿي وينديون ان جو تفصيل پوئين صفحن ۾ ڏسي عمل ڪريو.

## مڪي معظم جو سفر

## حرم ڏانهن

جڏهن حرم جي طرف هي مُبارڪ سفر شروع ٿي وڃي ته سفر جي دوران ڪثرت سان تلبيه ورجائيندا رهو.

## مڪه معظمه

ذوق ۽ شوق سان تلبيه پڙهندي مڪه معظمه ۾ داخل ٿيو.

www.sukkurvi.com

## حرم شريف ۾ حاضري

جڏهن مسجد حرام داخل ٿيو ته دل جي گهرائي ۽ پوري ادب سان پهرين ساڄو پير رکو ۽ هي دعا گهرو.

بِسْمِ اللّٰهِ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ،

رَبِّ اغْفِرْ لِيْ ذُنُوْبِيْ وَافْتَحْ لِيْ اَبْوَابَ رَحْمَتِكَ

## پهرين نظر

جڏهن بيت الله تي نظر پوي ته رستي کان هٽي هڪ طرف بيهو ۽ هي ڪم ڪريو.

١. اَللّٰهُ اَكْبَرُ ٽي ڀيرا چئو.

٢. لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ٽي ڀيرا چئو.

٣. ٻئي هٿ دعا لاءِ کڻو ۽ درود شريف پڙهي خوب عاجزي ۽ سان دعا گهرو. هي دعا جي قبول ٿيڻ جو خاص وقت آهي.

www.sukkurvi.com

# طــواف

## طواف جي تيــاري

چادر کي ساڄي بغل مان ڪڍي ڪاٻي ڪُلهي تي رکو، ساڄو ڪلهو کليل رهڻ ڏيو ۽ طواف باوضو ضروري آهي.

www.sukkurvi.com

## طواف جي نيــت

هاڻ خانہ ڪعبہ جي سامهون جنهن پاسي حجر اسود آهي اهڙي طرح بيهو جو پورو حجر اسود توهان جي ساڄي طرف رهي. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ فرش تي ڳاڙهي پٽي ۽ ڪارنر مدد ڪري سگهجي ٿي. هن طرح جو پوري پٽي پنهنجي ساڄي پاسي ڪريو ۽ پوءِ بغير هٿ کڻڻ جي طواف جي نيت ڪريو. هن وقت اها پٽي ناهي اندازي ڪان ڪم وٺو.

اي الله! آءُ تنهنجي رضا لاءِ عمري جو طواف ڪريان ٿو تون ان کي منهنجي لاءِ آسان

ڪر ۽ قبول فرماءِ. پوءِ قبلي ڏانهن رُخ ڪندي ساڄي پاسي هٽي بلڪل حجر اسود جي سامهون اچو ۽ ٻئي هٿ پنهنجي ڪنن تائين کڻو ۽ چئو.

بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ
وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ.

## استلام

پوءِ استلام ڪريو يا استلام جو اشارو ڪريو ۽ هي پڙهو.

بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ
وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ.

۽ ٻئي هٿ چُمو.

## طواف شروع

استلام کانپوءِ ساڄي طرف مڙي ڪري طواف شروع ڪريو.

www.sukkurvi.com

## هدايت

حجر اسود، رڪنِ يماني ۽ ملتزم تي اڪثر ڪري خوشبو لڳل هوندي آهي تنهنڪري احرام جي حالت ۾ اُنهن کي هٿ نہ لڳايو، ٿورو پري رهو نہ تہ دم وغيره جو خطرو آهي.

## تاڪيد

حجر اسود جي استلام يا اشاري کان سواءِ طواف جي دوران خانہ ڪعبہ جي طرف سينو يا پُٺ ڪرڻ جائز نہ آهي ان جو خاص خيال رکو.

## رمل

۽ اڪڙجي ڪلها لوڏيندي ويجها ويجها قدم رکندي ڪجهہ تيزي سان هلو ۽ رڳو پهرين ٽن چڪرن ۾ اهڙي طرح هلو، باقي چڪرن ۾ عادت مطابق هلبو.

www.sukkurvi.com

## رُڪــن يــمــانــي

هلندي جڏهن رُڪنِ يماني تي اچو تہ اُن تي ٻئي هٿ يا ساڄو هٿ لڳايو ۽ دعا ڪندي حجرِ اسود جي سامهون پهچي وڃو.

## استلام يا اشارو

جيڪڏهن سولائيءَ سان ممڪن ٿئي تہ حجرِ اسود جو استلام ڪريو نہ تہ اشارو ڪريو.

## طـواف خـتــم

ست چڪر پورا ٿيڻ تي اٺين ڀيري حجرِ اسود جو استلام يا ان جو اشارو ڪري طواف ختم ڪريو.

## اضطباع موقوف

هاڻي ٻئي ڪُلها ڍڪي وٺو.

## مـلــتـزم تـي وڃـو

ملتزم تي اچو ۽ ان سان چنبڙي خوب عاجزي ظاهر ڪري دعا گهرو.

www.sukkurvi.com

## مقام ابراهيم

هاڻ مقامِ ابراهيم جي پويان بغير مٿو ڍڪڻ جي ٻه رڪعت واجب طواف ادا ڪريو ۽ دعا گهرو.

## زمزم پيئڻ

زمزم پيئو ۽ دعا گهرو.

اي الله! نفعي ڏيڻ وارو علم ڪشادي روزي ۽ هر بيماري کان شفا گهران ٿو.

## سعي

## نائون استلام

هاڻ سعي ڪرڻ لاءِ حجر اسود جو استلام يا اشارو ڪريو ۽ صفا جي طرف روانا ٿيو ۽ سعي با وضو ڪرڻ سنت آهي.

## صفا کان سعي جو آغاز

صفا تي سعي جي نيت ڪريو.

www.sukkurvi.com

اي الله آ! تنهنجي رضا لاءِ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي ڪريان ٿو ان کي منهنجي لاءِ آسان ڪري قبول فرماءِ ۽ حمد ۽ ثنا کان پوءِ دعا ڪريو.

## مروه جي طرف روانگي

صفا کان لهي ڪري مروه جي طرف هلو جڏهن ساون ٿنڀن جي ويجهو پهچو ته مرد حضرات ڊوڙن ۽ عورتون نه ڊوڙن ۽ هي دعا ڪريو. رَبِّ اغْفِرْ وَارْحَمْ اَنْتَ الْاَعَزُّ الْاَكْرَمُ○

## مروه تي پهچي ڪري

پوءِ مروه تي پهچي ڪري قبلي رخ ٿي ڪري دعا ڪريو. هي هڪ چڪر ٿيو. ٻيو صفا تي، ٽيو چڪر مروه تي مڪمل ٿيندو.

www.sukkurvi.com

## سعي جي پڄاڻي

اهڙي طرح ستون چڪر مروه تي ختم ٿيندو. هر چڪر ۾ مرد حضرات ساون ٿنڀن جي وچ ۾ ڊوڙندا پر عورتون نه ڊوڙنديون.

## شڪراني جا نفل

شڪراني جا نفل: جيڪڏهن مڪروه وقت نه هجي ته شڪراني جا ٻه نفل حرم ۾ ادا ڪريو.

## حلق يا قصر

سعي ڪانپوءِ مرد ماڻهو سڄي مٿي جا وار ڪوڙائين ۽ عورتون سڄي مٿي جا وار آڱر جي هڪ پور جي ڊيگهه کان ڪُجھ وڌيڪ ڪترين. ۽ مَرد هي يقين حاصل ڪن ته گهٽ ۾ گهٽ چوٿائي مٿي جا وار ڪترجي چُڪا آهن. مروه تي جيڪي ماڻهو ڪينچي ڪٽي بيٺا هوندا آهن انهن کان مٿي جا ڪُجھ وار ڪترائڻ حنفي محرم جي لاءِ ڪافي

www.sukkurvi.com

نہ آهي. تنهنڪري انهن کان پرهيز ڪريو. نہ تہ دم
واجب ٿيڻ جو قوي خطرو آهي.

## عمرہ مڪمل ٿيو

حلق يا قصر ڪانپوءِ عمرہ مڪمل ٿي ويو،
احرام جون پابنديون ختم ٿي ويون هاڻي ڪپڙا پايو
۽ گهر ٻار وانگر رهو. دل و جان سان الله تعاليٰ جو
شڪر ادا ڪريو تہ ان عمرہ جي سعادت بخشي ۽ باقي
زندگيءَ جي گهڙين جو قدر ڪريو ۽ اُن کي پنهنجي
رب جي رضا جي مطابق گذارڻ جي ڪوشش ڪريو.

www.sukkurvi.com

# مديني طَيبه جي حاضري

## قدم به قدم

## پڙهندا وڃو ڪندا وڃو.

www.sufikurvi.com

## مدينه طيبه

### مديني جي سفر جي نيت

جڏهن مدينه منوره جو سفر شروع ڪريو ته هن طرح نيت ڪريو: "اي الله! آءٌ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي مزار مُبارڪ جي زيارت لاءِ مدينه منوره جو سفر ڪريان ٿو، اي الله ان کي قبول فرماءِ".

### سنتن جو اهتمام

مديني جي سفر ۾ سنتن تي عمل ڪرڻ جو خاص خيال ڪريو.

### درود شريف

هن سفر ۾ درود شريف ڪثرت سان پڙهو.

### مديني ۾

مديني ۾: مديني منوره جي آبادي نظر ايندي ڏسڻ جي شوق کي وڌايو خوب درود و سلام پڙهندي عاجزي سان داخل ٿيو.

www.sukkurvi.com

## مسجد نبوي

رهڻ جي جاءِ تي سامان رکي غسل ڪريو نہ تہ وضو ڪريو، سٺو لباس پهريو، خوشبو لڳايو، ادب ۽ احترام سان درود شريف پڙهندي مسجد نبوي طرف هلو.

## باب جبرئيل

باب جبرئيل يا باب سلام مان نہ تہ ڪنهن بہ دروازي مان داخل ٿيو ۽ پڙهو.

بِسْمِ اللّٰهِ وَالصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ○

رَبِّ اغْفِرْ لِيْ ذُنُوْبِيْ وَافْتَحْ لِيْ اَبْوَابَ رَحْمَتِكَ○

## ساڄو پير

ادب سان ساڄو پير رکو ۽ نفلي اعتڪاف جي نيت ڪريو.

www.sukurvi.com

جيڪڏهن مڪروه وقت نہ هجي تہ رياض الجنتہ ۾ محراب النبي وٽ نہ تہ ڪنهن بہ جڳهہ تي ٻہ رڪعت تحية المسجد پڙهو ۽ پوءِ دل و جان سان الله تعالىٰ جي حمد ۽ ثنا ڪريو. دعا ڪريو ۽ توبہ

## روضہ مبارڪ تي حاضري

هاڻي انتهائي خشوع ۽ خضوع ۽ ادب و احترام سان روضہ اقدس طرف هلو. ڇارين جي سامهون پهرئين سوراخ جي اڳيان چئن قدمن جي فاصلي تي بيهي نظرون جهڪايو.

## درود وسلام

۽ درمياني آواز سان هن طرح سلام عرض ڪريو.

www.sukkurvi.com

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ

پوءِ هن طرح چئو.

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰهِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰهِ

## دعــا

ان کان پوءِ حضور ﷺ کان شفاعت جي درخواست ڪريو ۽ ٣ دفعا چئو.

اَسْئَلُكَ الشَّفَاعَةَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ

۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي وسيلي سان دعا ڪريو جنهن ۾ سڄي پيڄاڙي الله تعاليٰ جي رضاء بطور خاص گهرو.

www.sukkurvi.com

## ٻين جو سلام

ان کان پوءِ جنهن عزيز يا دوست جو سلام چوڻو هجي هن طرح عرض ڪريو.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا رَسُوْلَ اللهِ مِنْ فُلَانِ بْنِ فُلَانٍ فُلَانِ بِنْ فُلَانٍ جي جڳهه تي ان عزيز جو نالو سندس پيءُ جي نالي سميت ادا ڪريو.

## صديق اڪبر رضه تي سلام

ان کان پوءِ ساڄي پاسي چارين ٻه ٻئي سوراخ جي سامهون بيهي ڪري هن طرح سلام عرض ڪريو.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ يَا سَيِّدَنَا اَبَابَكْرِنِ الصِّدِّيْقِ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْكَ وَعَنَّا

www.sukkurvi.com

## عمر فاروقؓ تي سلام

ان ڪانپوءِ ٿورو سڄي پاسي هٽي، ٽئين سوراخ جي سامهون بيهي ڪري هن طرح سلام عرض ڪريو.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ

يَآاَمِيْرَ الْمُؤْمِنِيْنَ سَيِّدَنَا عُمَرَ الْفَارُوْقَ

رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْكَ وَعَنَّا

## ٻنهي جي خدمت ۾

ان ڪانپوءِ ٿورو ڪاٻي طرف هٽي ڪري ٻنهي خليفن جي وچ ۾ چئو.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمَا يَاوَزِيْرَیْ رَسُوْلِ اللهِ

جَزَاكُمَا اللهُ اَحْسَنَ الْجَزَآءِ

www.sukkurvi.com

## حضور ﷺ جي خدمت ۾

ان کانپوءِ ٿورو کاٻي پاسي هٽي پهرئين سوراخ جي سامهون اچو ۽ ذوق و شوق سان حضور اڪرم ﷺ جي خدمت ۾ درود سلام پيش ڪريو جنهن جا الفاظ مٿي لکيا ويا آهن ۽ پوءِ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي اهل و عيال ۽ والدين وغيره لاءِ الله تعاليٰ کان دعا گهرو.

## دعــــا

ان کانپوءِ مسجد نبوي ۾ اهڙي جڳهه هليا وڃو، جو قبلي طرف منهن ڪرڻ سان روضي اقدس ڏانهن پٺ نه ٿئي ۽ الله تعاليٰ کان زار و قطار روئي دعا گهرو. سلام عرض ڪرڻ جو اهو ئي طريقو آهي.

## چاليهه نمــازون

مرد ماڻهو مسجد نبوي ۾ چاليهه نمازون با جماعت ادا ڪن. پر هيءَ **چاليهه نمازن** جي پابندي ضروري ناهي. رڳو مستحب آهي.

www.sukkurvi.com

## مسجد قبا

جيڪڏهن ڏينهن نه ته جڏهن موقعو ملي مسجد قبا ۾ ٻه رڪعتون نفل ادا ڪري وٺو بشرطيڪ مڪروه وقت نه هجي.

## جنت البقيع

جنت البقيع: ڪڏهن ڪڏهن جنت البقيع ويندا ڪريو. ايصال ثواب، دعاء مغفرت ۽ ان جي وسيلي سان پنهنجي لاءِ دعا گهري وٺندا ڪريو.

## مديني کان واپسي

جڏهن مديني منوّره کان واپسي ٿئي ته مٿي ڏنل طريقي مطابق روضي اقدس تي حاضر ٿي ڪري سلام عرض ڪريو. ان جدائي تي ڳوڙها وهائي دعا گهرو ۽ ٻيهر حاضري جي حسرت سان واپس ٿيو.

وَصَلَّى اللهُ تَعَالىٰ عَلىٰ خَيْرِ خَلْقِهٖ سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ اٰمِيْنَ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ

www.sukkurvi.com

## حضرت مولانا مفتی عبدالرؤف سکھروی مدظلہم

**حج اور عمرہ کا مکمل سیٹ جو ہر حاجی کے لیے آسان اور مفید ہے لیجیے اور فائدہ اُٹھایئے۔**

- آدابِ سفر
- درود وسلام کا حسین مجموعہ
- حج فرض میں جلدی کیجیے
- حج کا طریقہ قدم بہ قدم
- خواتین کا حج
- دعاءِ عرفات
- حج وعمرہ
- عمرہ کا آسان طریقہ

ناشر: مکتبۃ الاسلام کراچی

www.sukkurvi.com